# سنڌوءَ جا ڏات ڏٽي

(شخصي خاڪا)

انعام جتوئي



سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام

# سنڌوءَ جا ڏات ڏٽي!

(شخصي خاڪا)

انعام جتوئي

ڊجيٽل ايڊيشن:

2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ.

ڪتاب: سنڌوءَ جا ڏات ڌڻي!

ليکڪ: انعام جتوئي

مضمون: (شخصي خاڪا)

نمبر: 0303-2037722

ڊجيٽل ايڊيشن: 2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

books.sindhsalamat.com

هيءُ ڪتاب ڊجيٽل ايڊيشن جي صورت ۾ محمد سليمان وسڻ، سنڌ سلامت
ڊاٽ ڪام ڪراچيءَ پاران پڌرو ڪيو

# ارپنا

هي ڪتاب ارپيان ٿو، پنهنجي والده (جيجل شبنم خاتون)، پنهنجي ڏاڏِي(جيجل زينب خاتون) پنهنجي ڏاڏَي (استاد حاجي محمد جتوئي)، پنهنجي والد (حبيب جتوئي)، مون پڪيل روح کي سهارو ڏيندڙ پنهنجي (تبسم) کي ۽ پنهنجي پوري خاندان، دوستن، احبابن ۽ انهن سمورن پريت جي پانڌيئڙن کي، جن مون کي پنهنجو چاتو ۽ پيار ڏنو!

ٿورا مَ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا،
ڀلائيون ۽ ڀيرا ڳڻي ڳڻبا ڪيترا!

(انعام جتوئي)

## سنڌ سلامت پارڻان :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب "**سنڌوءَ جا ڌات ڌٽي**" اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب محترم **انعام جتوئيءَ** پاران لکيل سنڌ جي ڌات ڌٽين جي شخصي ۽ سوانحي خاڪن تي مشتمل آهي.

هن ڪتاب ۾ نارائڻ شيام، استاد بخاري، تنوير عباسي، ابراهيم منشي، اياز گل، ڊاڪٽر گربخشاڻي، ماڻڪ منير ۽ علي بابا جي شخصيتن بابت شخصي ۽ سوانحي مضمون ۽ چونڊ شاعري شامل ڪئي وئي آهي.

انعام جتوئيءَ جو هي ڪتاب ڪنهن به اداري پاران ڇپيل ناهي، تنهنڪري هن پيار، پاٻوهه، سڪ ۽ اڪير مان سنڌ سلامت ڏانهن موڪليو آهي ته جيئن آن لائين اپلوڊ ڪري سڀني سنڌين تائين پهچايون. پيارا انعام، سنڌ سلامت سٿ ۽ فورم اوهان سان گڏ هنن لکڻين ڪي به دلي موٽ ڏيندو.

اوهان سڀني دوستن، پائڻ، سڄڻ، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


| نمبر | شخصيتون | | صفحو |
|---|---|---|---|
| 01 | سنڌ ۽ هند جو شاعر ’نارايڻ شيام‘ | | 07 |
| 02 | سونهن جو شاعر ’استاد بخاري‘ | | 17 |
| 03 | اميد پرست شاعر ’تنوير عباسي‘ | | 26 |
| 04 | عوامي شاعر ’ابراهيم منشي‘ | | 34 |
| 05 | لفظن جو جادوگر ’اياز گل‘ | | 41 |
| 06 | شاهه جو شيدائي ’ڊاڪٽر گربخشاڻي‘ | | 51 |
| 07 | سنڌ جو گمنام ڪهاڻيڪار ’ماڻڪ منير‘ | | 55 |
| 08 | بيباڪ ڪهاڻيڪار ’علي بابا‘ | | 60 |



# سنڌ ۽ هند جو شاعر 'نارايڻ شيام'

وقت ۽ گهڙيال جا ڪانٽا ڪنهن لاءِ ڪو بہ احساس نہ ٿا رکن، رفتا رفتا گهڙيال جي گردان ۾ ڦرندڙ ڪانٽن جو بہ وقتي احساس رهي ٿو.

صدين جي تاريخ شاهد آهي تہ وقت جي بيرحمي زمان ۽ مڪان جي اچانڪ تبديلي تي هزارين مائرن، پنهنجا ڪونڌر پٽ وڃايا، ۽ هڪ دردناڪ تاريخ جي دڪدائڪ ڪهاڻي بڻيا. انهن دڪدائڪ داستانن مان سڀ ڪان وڏو تاريخي ستم سنڌ جو ورهاڱو هو، جنهن هزارين، باشعور عالمن، ڏاهن، اديبن ۽ شاعرن کي پنهنجي ڌرتيءَ تان ڏکي بي سهارا ۽ يتيم ڪري ڇڏيو. انهن عظيم شخصيتن مان هڪ نانءُ سنڌ جي محبوب شاعر نارايڻ شيام جو آهي.

نارايڻ داس المعروف نارايڻ شيام 25 جولاءِ 1922ع تي ڳوٺ ڪاهي قاسم ضلعي نوشهرو فيروز ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو گوڪلداس ناگواڻي هو. نارايڻ ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ وڌيڪ تعليم ڊي جي سنڌ سائنس ڪاليج ڪراچي مان ورتي. 1945ع ۾ نوشهري فيروز ۾ پرشن ٽيچر مقرر ٿيو.

نارايڻ شيام ڪشنچند بيوس جي اثر هيٺ شاعري جي شروعات ڊي جي سنڌ سائنس ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران ڪئي، پاڻ ان وقت سنڌي ادبي سرڪل جي بنياد وجهندڙن سرگرم ڪارڪنن مان هو.

نارايڻ شيام جو نالو سنڌ جي جديد شاعرن جي فهرست ۾ سڀ ڪان مٿانهون آهي. پاڻ سنڌي ادب ۾ ' جديد شاعر ' جي حيثيت سان سڃاتو وڃي ٿو. سندس شاعري کي سنڌي ادب ۾ اعليٰ مقام حاصل آهي. نارايڻ جي شاعري جي وڏي خوبي اها آهي تہ هُن هيئت جي لحاظ ڪان شاعري ۾ نوان تجربا ڪيا آهن. سڱن آهوجا نارايڻ شيام جي ڪتاب 'روشن ڇانورو ' جي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ:

”شيام باشعور ۽ جدت طرز شاعر آهي، هو سنڌي شاعريءَ ۾ موضوع خواه هيئت يا فارم جي لحاظ ڪان سدائين نوان نوان تجربا ڪندو پئي آيو آهي.“

نارايڻ شيام جي شاعري جي وڏي خوبي منظرنگاري (Imagism) ۽ اندازِ اسلوب آهي، هو هروڀرو ڪا فلسفائي ڳالهه نہ ٿو ڪري، هن وٽ روزمره جي عام زندگي جو بيان آهي. مصور بظاهر تہ آرٽ ۾ خوبصورت رنگ ڀري، تصوير بنائي پنهنجي اندر جي ڏات کي ظاهر ڪندو آهي، پر اسان جو نارايڻ عام انسان جي زندگيءَ جي روزمره جي تصوير بنا ڪنهن رنگ جي ڪجهہ هن ريت جوڙي ٿو:

**جٺن ئي بتيءَ جي سئچ ڪئي آف، ’شيام‘ مون،**
**ڪمري ۾ فرش ڪان وئي، ائين ڪسڪي روشني.**

**سيني ۾ ائن تنهنجون سنپارون،**
**اپ ۾ جٺن اي ’شيام‘ ستارا.**

**اکين جي اگيان آهہ اهڙو نظارو،**
**نگاهن ڪان روشن ٿي ساري دنيا.**

نارايڻ شيام جي شاعري ۾ رومانوي درياهہ جو خوبصورت نظارو آهي. سندس شاعريءَ ۾ رومانس جي درياءَ جو وهڪرو هميشہ موج ۾ وهندي نظر اچي ٿو، هو محبوب جي ماڻن، نخرن، ادائن ۽ حساس جذبن کي بيحد ئي شاندار نموني سان پيش ڪري ٿو. عام ماڻهن جي زندگيءَ جي ترجماني سندس شاعريءَ جو خاص محور آهي. ڪنهن چنچل ۽ نخريلي ڇوڪريءَ جو احساس ڪيڏو نہ شاندار نموني سان پيش ڪري ٿو. ملاحظ فرمايو:

**اٿي چرڪي، ڪاوڙجي جهٽ مسڪرائي،**
**ڪئي ڪنهن هيس، پير تي ڪتڪتائي.**

شيام سپڪڙن عام خيالن کي بہ نرالي اسلوب سان پيش ڪرڻ جو ناياب ڏانءُ رکي ٿو، سندس مجازي محبوب جي ماڻن ۽ مبهم اشارن لاءِ هي احساس ڏسو:

**هينئر جيڪي چاهين چئي ڏي کُلي،**
**ڪيئہ ’شيام‘ مبهم اشارا گهٽا.**

نارايڻ شيام جي شاعريءَ ۾ پيڙاءُ، ڏک، اذيت، بي وسي جو اظهار سمايل آهي. نارايڻ انسان جي سک ۽ آسائش جو خواهشمند آهي. هو انسان دوست هجڻ جو فرض نڀائيندي پنهنجي

شاعريءَ ۾ انساني تڪليفن کي ڪجھ هن ريت بيان ڪري ٿو:

**وڃ جيان هستي لڇندي ته هوندي،**
**سڪ سمهڻ لاءِ نه هئو 'شيام' چايو.**

سندس شاعري بابت ڊاڪٽر موتي پرڪاش لکي ٿو ته :

" شام جي شاعري جو درد ان ڪري انفرادي درد ڪان مٿي آهي، هن پنهنجي درد کي ٻين جي درد سان ايترو ملائي ڇڏيو آهي، جو ٻئي هڪ ٿي ويا آهن. شيام پنهنجي شعر ۾ ڪڏهن به پنهنجا روئڻا نه رنا آهن. هي هر انسان جي اک ۾ رنو آهي ۽ هر انسان جي خوشيءَ ۾ کليو آهي."

نارايڻ شيام وٽ ڪي ڇسا خيال نه آهن، نه ئي هو حسن، مئڪدن، شباب، ڪباب، شمع ۽ پرواني کي موضوع بنائي پنهنجي دل کي بهلائي ٿو. هن وٽ هڪ مقصد آهي، هڪ اميد آهي، هڪ لاٽ، هڪ تمنا، هڪ دانهن ۽ هڪ بيوس درد پيلي بکايل انسان جو احساس:

**روٽي لاءِ چِتا جي آگ،**
**چمڪيو پيٽ پرين جو ڀاڳ!**

شاعر ڌرتي جا طبيب هوندا آهن، هو پنهنجي قوم جي ڦٽن، دردن، تڪليفن تي طبيب جئيان مرهم رکي، پنهنجي شاعريءَ ۾ عوامي مسئلن کي نروار ڪندا آهن، سندن شاعريءَ جو سڄيو محور ڪائنات هوندي آهي، جنهن ۾ خوشي به آهي ته وري ڏک به، جنهن ۾ لڙڪ به آهن ته، ٽهڪ به، نااميدي به ته وري ڪٿي اميد به، نارايڻ شيام جو هي احساس ملاحظ فرمايو:

**اسان لڙڪ لاڙيا، جي ويهي ڪنڌيءَ تي،**
**ته وچ سِير ۾ پڻ اسان مسڪرايو!**
**انهن جي مٽي مرڪ مان آهه ظاهر**
**ته شبنم گلن کي نه آهي نپايو.**
**اگر زندگيءَ جي شڪايت ڪيم ڪا،**
**پرين، اک ملائي تو ڇاتيءَ لڳايو.**

نارايڻ شيام جي شاعري جي پسمنظر بابت سدا رنگاڻي 'ذات ۽ حيات 'ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته:

" شيام جي سچي شاعريءَ جو پسمنظر پرڪرتي (ڪائنات) آهي. پرڪاتي جا نظارا به اهي

آهن، جي روزمره شهري زندگيءَ ۾ ڏسندا رهون ٿا، چنڊ، تارا، افق، اونداهي، چانڊوڪي، گل، پوپٽ، پونئر پکي جمالياتي تخليق جي تهه ۾ آهن. جذبن جون رنگينيون جن جو ڇيد ئي نہ ٿو ٿي سگهي.“

نارايڻ جي شاعريءَ جو محور سنڌ آهي، هو پنهنجي جنم ڀوميءَ کي ڇڏڻ جي ڏک ۾ هميشه لڇندو ۽ تڙپندو نظر اچي ٿو، جنهن جو اظهار پنهنجي شاعري ۾ ور ور ڪري ٿو. سندس شاعري جو اڌ حصو سنڌ ئي رهي آهي. هو پنهنجي وطن کي ياد ڪندي ڏکارو ٿي چوي ٿو:

**الائي کهڙي گهڙي نڪتاسين ’شيام‘،**
**وطن ورڻ تہ ڇڏيو، وطن جي سرحد ڏسڻ نصيب نہ ٿي!**

رات جي پهر ۾ جڏهن اداسي ۽ مايوسي جا ڪڪر سر مٿان ڇانئجي وڃن، جڏهن وطن جي جدائيءَ جو ڏک ستائڻ لڳي تہ پوءِ ڪهڙي حال مان گذرڻو پوي ٿو، اچو تہ نارايڻ کان ٻڌون:

**الا هي صاف اُڀ، اڌ رات جي خاموش چانڊوڪي،**
**جو نوشهري ۾ ڏسندو هوس، هيءَ چندرما آهي؟!**

ڪيترائي ورهيہ گذرڻ باوجود هو جيجل سنڌ کي هڪ پل لاءِ بہ وساري ڪين سگهيو، هو خيالن ۽ خوابن ۾ بہ سنڌ کي ساريندو رهيو. هڪ شعر ۾ شاهہ جي رسالي کي ڏسندي چوي ٿو:

**اڄ شاهہ جي رسالي تي نظر ون ڪپي ويون،**
**موٽي صدين کان پوءِ چڙ سنڌ مون ڏٺي.**

نارايڻ هميشہ سنڌ ۽ سنڌي ٻولي لاءِ دعاگو رهيو. پاڻ ڀارت ۾ بہ سنڌي ٻولي جي جياپي جي جدوجهد ۾ شامل رهيو، سنڌي ٻولي لاءِ هميشہ دعاگو رهيو، جنهن جو اظهار هڪ شعر ۾ هن ريت ڪري ٿو:

**الا ائين نہ ٿئي، جو ڪتابن ۾ پڙهجي،**
**تہ هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي!**

نارايڻ شيام جا ڪيترائي مجموعا شايع ٿي چڪا آهن، انهن مان پهريون مجموعو ’ماڪ ڦڙا‘، ’پکڙيون‘ 1955ع، ’رنگ رتي لهر‘ 1956ع، ’واري ڀريو پلاند‘ 1968 ع، ’روشن ڇانورو‘ 1962ع، ’آڇيندي لڄ مران‘ 1972ع، ’مهڪي ويل صبح ‘ 1983ع، ’ماڪ ڀنا رابيل‘ 1964ع، ’بوند لهر ۽ سمنڊ‘ 1986ع، ’نہ سو رنگ نہ سا سرهاڻ‘ 1987ع، ’ڏات ۽ حيات‘ 1988ع، ’راهون پنڌ پيون‘ 1998ع.

هي سنڌ جو عظيم شاعر نئين دهلي ۾ 10 جنوري 1989ع تي ديهانت ڪري ويو. سندس موت جو ٻڌي سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز لکيو هو تہ:

**مان ٻہ تہ آهيان شيام**
**نارائڻ، تنهنجو رڳو**
**ناهي اهو نام.**

شيام چڻ منهنجي وجود جو حصو ٿي چڪو آهي.“

ٻئي هنڌ ڪتاب ’ڪراچي جا ڏينهن ۽ راتيون‘ ۾ لکي ٿو تہ :

” هو نهايت نهنتو ۽ پيارو ماٺهو آهي، هن جي نهٺائي انهيءَ شعر مان ظاهر آهي:

**هجي جا ڪاڻ خوبين جي، ۽ خامين ڪان بنهہ آجي،**
**نہ پنهنجي زندگي اهڙي، نہ پنهنجي شاعري اهڙي!“(4)**

***

# (نارايڻ شيام جا ڪجهہ غزل)

## خزان حال دل جو گلن کي ٻڌايو!

خزان حال دل جو گلن کي ٻڌايو،
ٻڌي، مرڪي تن غم نہ پنهنجو لڪايو!

اسان لڙڪ لاڙيا، جي ويهي ڪنڌيءَ تي،
تہ وچ سِير ۾ پڻ اسان مسڪرايو!

انهن جي مٺي مرڪ مان آهہ ظاهر
تہ شبنم گلن کي نہ آهي نپايو.

اگر زندگيءَ جي شڪايت ڪيم ڪا،
پرين، اڪ ملائي تو ڇاتيءَ لڳايو.

لٿو سج وڏيو "شيام" جئن جئن انڌارو،
ڏِئي ڪنهن هتان، ڪنهن هتان ٽمٽمايو!

# ناز وارن جي ٻولي!

نگاهن، ادائن، اشارن جي ٻولي،
نئن آهه، نت ناز وارن جي ٻولي!

نہ سمجھي سگھيو حسن ڏاران ڀيو کو،
تمنا پري نينهن وارن جي ٻولي!

متي آهه ڪويل جي ڪوڪو متي آهه،
متي آهه سچ بيقرارن جي ٻولي!

لکيل چا نہ لالا جي ورقن تي آهي،
پڙهي پيي ڪوئي داغدارن جي ٻولي!

متيءَ جي نہ ذرن جو تيءُ حال محرم!
ڏکي ناهہ سمجھڻ ستارن جي ٻولي!

خزان حال اوري تہ ڪنهن ساڻ اوري،
سيئي سکيا جي بهارن جي ٻولي!

الا، ائن نہ تئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي،
تہ هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي!.

# اونداهيءَ جا دوار!

اونداهيءَ جا دوار کلُي پيا،
دک وٽ سک جا جهول جُهلي پيا!

خالي دل، ويران نگاهون،
ويٺي ويٺي نيڻ ڇُلي پيا!

کيڪاريندي ساسي پڇائين،
اڄ هن پاسي ڪيئن ڀُلي پيا!

سچ تہ گهٽو ئي ڪين ڏکيو پئي،
تارن هيٺان راز کلُي پيا!

لکندي هڪ اڌ خال ڇڏيو مون،
خال سبب ڪل هُل هُلي پيا!

گرم هوا ۾ رولو ڪکريون،
ڏينهن تتي پاڇا بہ رکي پيا!

پنهنجي منهن سر ڳالهايو پئي،
ير وارن جاوات کلي پيا!.

# اهي نگاهون اهي ادائون!

اهي نگاهون اهي ادائون، اهي اشارا اجا بہ آهن،
مٺي محبت جا زندگيءَ لئہ، سڀر سهارا اجا بہ آهن.

دلين ۾ نيڻن ۾ پهه نرالا، نوان نظارا اجا بہ آهن.
انڌاري آهي نہ رات غم جي، ڪٽيل ستارا اجا بہ آهن.

ڳهليون غمن جون هوائون جئن، ٽڙي پيون ڪي دلين جون مکڙيون،
خزان جي موسم تہ آهہ، ليڪن، ڪي ڦول پيارا اجا بہ آهن.

ڪٿي نہ ڪنهن پي ڪٽي جي روشن، انڌاري رهندي نہ وات، ساٿي،
هوا جي جهونڪن ڏيئا وسايا، نہ چنڊ تارا اجا بہ آهن!

وطن ڇڏڻ وقت ائن ٿي سمجهم، ڪندو نہ پلجي ڪو ياد ليڪن،
اياز، احسان، راز پارا، ڪي قرب وارا اجا بہ آهن.

**(شيخ اياز، احسان بدوي، شيخ عبدالرزاق راز)**

## ٿو اميدن کي آسمان ڪيو!

ٿو اميدن کي آسمان ڪيو،
بس نگاهن جو گم نشان ڪيو.

سهڻي صورت ڏٺم جڏهن ٻه ڪتي،
نيڻ ٻُوٽي مون تنهنجو ڌيان ڪيو!

ڳالھ مان ڳالھ ويئي خود بڻجي،
لفظ کي لفظ داستان ڪيو!

تو ته آڳر رکي چپن تي ڪٽي،
پر اکين مشڪندي بيان ڪيو!

پيار مان منهنجي دل جي ڇهري تي،
چپ رکي تو منو نشان ڪيو!

پنهنجو ڦوٽو ڏسي ٿيم تصديق،
اڳ نه جنهنجو هيم گمان ڪيو!.

***



# سونهن جو شاعر' استاد بخاري'

محنت، جفاڪش همت ۽ جرئت انسان جي عظمت جون علامتون آهن، ڪي انسان پنهنجي مختصر زندگيءَ مان شهرت ماڻي پنهنجو نالو ڏينهن قيامت تائين زنده رکندا آهن، انهن عظيم انسانن مان سنڌ جو مهان ڪوي استاد بخاري بہ آهي. سيد احمد شاھ بخاري عرف استاد بخاري 16 جنوري 1930ع ۾ ڳوٺ غلام چانڊيي ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو حاجن شاھ هو.

استاد بخاري ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ گريجوئشن ڪرڻ کان پوءِ 1964 ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ايم اي سنڌي جو امتحان پاس ڪري 1967ع ۾ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. اهڙي طرح استاد لاڙڪاڻي، دادو ، سانگهڙ ۽ سيوهڻ جي ڪاليجن ۾ ليڪچرار پوءِ اسسٽنٽ پروفيسر رهي آخرڪار ڊگري ڪاليج دادو مان پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ٿيو.

هن سنڌ جي مهان ڪوي شاعري جي شرعات 1942 ع ۾ ڪئي، تڏهن پاڻ اڃا پنجين جماعت جو شاگرد هو، سندس ڏاهپ ۽ شعر جي وسعت ڪي ڏسي استاد توڙي همڪلاسي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندا هئا.

استاد بخاري 1950ع کان باقاعدگيءَ سان مشاعرن ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو، سندس شاعري جي سڳنڌ جڏهن شهر شهر، وستي وستي، جهنگ جهر ۾ ڦهلجي وئي تڏهن استاد جديد شاعرن جي پيٽ ۾ سڀ کان وڌيڪ پڙهجڻ لڳو ۽ اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيڻ لڳو. اهو ئي دور هو جو نہ رڳو استاد جي شاعري نوجوانن جي دلين جي ڌڙڪڻ جو آواز بڻجي وئي، پر پوڙهن پکن جي دل جي راحت پڻ. سندس شاعري محبوب لاءِ آزيون ۽ نيازيون هيون تہ ڪٿي وري محبوب جي پرچائڻ لاءِ بلند صدائون، استاد جو هي احساس ملاحظ فرمايو :

حسينن کي هر روز تحفا ڏيون ٿا،
جي نغما نہ آهن، تہ سڏڪا ڏيون ٿا،

اوهين جيڪي دلدار دوکا ڏيو ٿا،
سي دل کي بنائي دلاسا ڏيون ٿا.
گهڙيون چار بازار جو ڇهڇهٽو آ،
اسان کان وٺيون پيار هوکا ڏيو ٿا.

استاد بخاري جو غزل هجي يا گيت، نظم، آزاد نظم يا بيت سندس شعر ۾ انسان جي بيوسي، تڙپ ۽ درد جو ڪليل بيان آهي، سندس شاعريءَ عام ماڻهن جي دلن جي ترجمان آهي، استاد پنهنجي شاعريءَ ۾ رسڻ، پرچڻ واري انداز کي بيحد شاندار نموني سان پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب نظر اچي ٿو، سندس بهترين مثال انهن سٽن مان ملاحظه فرمايو :

جي مون روئي ڏنو ته مرڪي ڏنائين،
ڦٽن تي ايئن لوڻ ٻرڪي ڏنائين.

سڏي وات ويندڙن کي پياريائين ڏوءَ تي،
مون منٿون ڪيون، پر نه سرڪي ڏنائين.!
سڄي زندگي ۾ ڪري قربداري،
اڌورو دلاسو به ڪرڪي ڏنائين.

استاد جي سڄي شاعري ۾ سونهن جي واکاڻ ۽ نينهن جي عظمت جو بيان سمايل آهي. استاد پنهنجي شاعريءَ بابت ڪتاب 'ڪاري ڪڪر هيٺ' ۾ لکي ٿو ته:

” آءٌ طبعي طور مالهي- مزاج ماڻهو آهيان، حسين رنگن، لذيذ هڳساڻن، شعرين نغمن جو پياسي، پر باغ کي جو باهه لڳي وئي آهي، مان به پڙڪي پيو آهيان.“

استاد شاعري ۾ سونهن لاءِ سوين تشبيهون ۽ استعارا ڪم آندا آهن. سندس ٻولي ۽ بيان ۾ ڪمال جو جادو سمايل آهي. استاد بخاري نينهن جي سڃاڻپ جو ذڪر ڪجهه هن ريت ڪري ٿو:

سونهن ۽ نينهن جي سڀ ڪنهن کي سڃاڻپ آهي،
ايترو يار صفا ٿپ انڌو ڪو ڪونهي.
ڪو ٻري پيو، ڪو ڳري پيو، ڪو پري پيو آهون،
تنهنجي پاڙي ۾ سڄي رات، ستو ڪو ڪونهي.
عشق جو آند نه پاند ٻڌون ٿا 'استاد'
سونهن جي ذات نه ڪا پات، پيو ڪو ڪونهي.

استاد بخاري حق ۽ سچ جو شاعر آهي، سندس شاعري پورهيت، هاري، ناري، ڪڙمي ڪاڇي

۽ غريب ماڻهن جي زندگي جي ڀرپور عڪاسي ڪري ٿي، پاڻ مظلومن جو آواز بڻجي وڏيرڪي ۽ جاگيرداراڻي نظام کي ننديو اٿس:

تنهنجي ميزن تي طرحين طعام اڇن،
ڪائن ڪانگ ڪتا، جوتا جام بڇن،
آءٌ ڪيئن لوڻ چکان، منهنجا ماروئڙا روزا روز رکن.

استاد جڏهن بہ سنڌ خلاف ڪا سازش محسوس ڪئي تہ پاڻ سنڌ جي عام ماڻهن سان گڏجي پنهنجي ڌرتي جي حقن لاءِ روڊن ۽ رستن تي عوامي جدوجهد ۾ شامل رهيو. سوڀو گيانچنداڻي لکي ٿو:

” استاد بخاري فنڪارانہ نموني ۾ سنڌي عوام جي موجوده مسئلن تي لکيو آهي، ان ۾ ماتم ۽ دانهن جو اثر آهي، پر صرف روڄ راڙو ناهي، هن سنڌ جي اديبن، پورهيتن ۽ بهادرن کي جدوجهد مقابلي ۽ همت سان مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ للڪاريو آهي.“

پاڻ وڏي واڪي غاصبن خلاف پنهنجي شعر وسيلي احتجاج ڪيو. استاد سنڌ جي حقن لاءِ هميشہ آواز اٿاريو:

سون بازار مان ڳنهي وٺبو آ،
فيض مرشد ڪان پني وٺبو آ،
جو سمجهو تہ اوهان جو حق آ،
حق مڙسي سان ڇني وٺبو آ.

استاد بخاري جي شاعريءَ جا ڪيترائي مجموعا شايع ٿي چڪا آهن. تنهن مان پهريون مجموعو ، ’گيت اسان جا جيت اسان جي‘ 1971ع، ’گيت گلابي ٻارن جا‘، ’اوتون جوتون‘، ’لهر لهر درياهہ‘، ’ڪوڪڙ يا ڪلياڻ‘، ’ڪاري ڪکر هيٺ‘، ’ڌرتي سرتي‘، ’زندگي او زندگي‘، ’نہ ڪم نبريو نہ غم نبريو‘ وغيره.

سنڌ لاءِ استاد جون خدمتون ڪابل تعريف آهن، سندس علمي پورهيو تي سنڌ جي هر هڪ ٻار ٻڍي توڙي جوان کي فخر آهي. هي سنڌ جو مهان ڪوي 09 آڪٽوبر 1992ع تي ڪراچي جي هڪ نجي اسپتال ۾ وفات ڪري ويو.

***

# (استاد بخاريءَ جا ڪجهہ غزل)

## هڪ شخص!

هڪ شخص هڪڙي شهر ۾ دانهون گهٽيون ڪيون،
بي درد لوڪ بند ڪٽي، در، دريون ڪيون.

بازار ۾ انهن جا لڳي اشتهار ويا.
ڳالهون جي تو نہ مون سان ، نہ ڪي توسان مون ڪيون.

تنهنجون اکيون ڳَڪوريون، منهنجون پِنيون پِنيون،
گونگين گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ سموريون سچيون ڪيون.

هت ڪَن اٿئي پٽين ڪي ۽ جاسوس ٿئي هوا،
هل چنڊ تي چڙهي تہ ڪي ڳالهيون ڳجهون ڪيون.

پرتو تہ ڪونہ، دوستو، پرچي پوي بہ مَن،
پئي گيت گيت يار ڪي منٿون يڪيون ڪيون.

هڪ گل قطار پنئر تہ هڪ پنئر گنج گل،
هن باغ جي بهار جون کهڙيون ڪچيون ڪيون.

ٻوٽي اکيون نہ پيار جو "استاد" پيچو ڪر،
ڪيئي وتن ٿا قرب جون ڪاتيون تکيون ڪيون.

## مُرڪ چنبيلي ماشاءَ الله!

ديد گلابي دلبر تنهنجي مرڪ چنبيلي، ماشاءَ الله!
نازڪ آنگرا، ريشم ڪپڙا، دل پتريلي، ماشاءَ الله!

طرحين رنگ طبيعت تنهنجي، دنيا وانگر دور نيارا،
ڪٿ نخريلي، ڪٿ اربيلي، ڪٿ شرميلي، ماشاءَ الله!

ڪڏهن اڪيلي مون وٽ منهنجي هوءَ سرهائي ناهي آئي،
اڄ به اٿس ڪا ڳوڙهي ڳٽتي ساڻ سهيلي، ماشاءَ الله!

پيار پڪيئڙا جيئڙا جيئڙا، پيار ونديون پيا هيڏان ، هوڏان،
تاڙي تي پئي ڪنهن ماريءَ جي، گهور گليلي، ماشاءَ الله!

سهسين تارا هڪڙي پاسي، باک بخاري هڪڙي پاسي،
ميساري پئي ڪيئن مايوسيون، آس اڪيلي، ماشاءَ الله!

عقل آلايو: اڳو، پيچو جاچي پنهنجو پير وڌاءِ،
عشق چيو: "استاد" اتي پئو، "عيلي عيلي" ماشاءَ الله!

## توبن جيوت ڪهڙي!

جاني توبن جيوت ڪهڙي!
قادر ڏاران قدرت ڪهڙي!

جيئري ڏمڇر، مرندي محشر،
پيار ڪرڻ لئہ فرصت ڪهڙي؟

آس نہ ڳوڙهن منجهہ ٻڏڻ ڏي،
جر ۾ جڙندي تربت ڪهڙي؟

هڪ ڪم ٿيندو ٻيو ڪم ايندو،
ڪوشش جي ٻي قسمت ڪهڙي!

يا نہ چمان ها يا نہ مران ها،
هن ڪان وڏي ٻي حسرت ڪهڙي!

عشق ڪيئہ ڪلتار "بخاري"
تو ۾ آ نہ طاقت ڪهڙي!.

## گهڻو اداس نہ ٿي!

گهڻو اداس نہ ٿي جو اجهائجي نہ وڃين!
وڏو جهان آ غم جو، وڃائجي نہ وڃين.

هي جام، جام تي پئيندي ٿي رهندو تاس وڏي،
تہ احتياط، اڃا بي اڃائجي نہ وڃين!

رکين تہ چنڊ سان رک چاهہ، ڏي ڇڏي تارا،
متان هزار ذريون تي ورهائجي نہ وڃين.

خلوص، چنگ نہ ٿي جو بکيا وتن چارڻ،
ڪڄي، امير جي در تي وڄائجي نہ وڃين.

ٺڪر نہ ٿيءَ متان نانگٽيون نچن تو تي،
ڪکر نہ ٿي گگن ۾ نچائجي نہ وڃين.

اسان سان حور، خواب ۾ بہ بي حجاب نہ ٿي،
نڪور ٿانءُ تہ آهين، امهائجي نہ وڃين.

چڪور، چنڊ کان، مجنون خان ليليٰ کان،
تہ ڪاٿي سونهن کان تون بي ستائجي نہ وڃين.

بچيو تہ ڪجهہ بہ "بخاري" نہ آ، مگر اي دل،
اڃا بہ عشق تہ آهي، اگهائجي نہ وڃين.

## ٽوڪ ڪري يا شوق ڪري!

ٽوڪ ڪري يا شوق ڪري، هن مونکان پڇا ڪئي. شاعر آهين؟
مونچو، منڙا، ڪنهن مومن کان پڇبو ناهي ڪافر آهين!

مرڪ ڏکي ڀيو وار ڪيائين، سونهن پرست ٻه سڏجين ٿو؟
ههڙو سهڻو ڀيو ڪو شايد، تون جو سامهون حاضر آهين!

پٽڙ مان ته نه چوندس پر هي ڪهڙي طرح جو قادر آ،
ٻانها ٻاري جنگ۔ جهنم ۾ تون حاضر ناظر آهين!

سچ ۾ سنڌ ڪي، پيٽ ۾ پيار ڪي لازم ٿو چئين؟
هي ڪو اوکو معاملو ناهي، ايترو تون ٻه ته ماهر آهين؟

علم، ادب جي ساٿ سان آهيان، ڪاٿي آهيان ڪٿ ناهي،
چو ٿا بندو، رب بنايو، چوندي: اول آخر آهين!

ڏات امرتا پريتم تو تي ازخود عاشق ٿي پئي آ،
لوڪ تڏهن ٿو سمجهي تون "استاد" سخن جو ساحر آهين.

## الڪو نہ ڪر!

عشق سورهيہ ساڻ ٿئي الڪو نہ ڪر!
پيار ۾ ٽڪرا بہ ٿين پٽڪو نہ ڪر!
مشڪلون ڪوٽن تہ ٿي مشڪل ڪشا،
عشق ريءِ معشوق ڏي ايندو نہ ڪر!
هن ڇُميون ڏيندي پڇيو : ڏءُ ٿيئي؟ چيم
مينهن ۾ مهراڻ جو ماپو نہ ڪر!
او خدا، پيدا ڪري گم ٿي وئين،
چا ٿيئي تخليق کي چورو نہ ڪر!
جي خدا آهي تہ چا، ناهي تہ چا،
سونهن ۾ ايمان رک، سنسو نہ ڪر!
سونهن تون آ، سک بہ تون، سڀ ڪجهہ آ تون،
پنهنجي ڳوري پاڻ کي هلڪو نہ ڪر!
آدمي آ رول، ٽوڪيدا مَلَڪَ،
ايترو پولار ۾ پتڪيو نہ ڪر!
اڄ تہ ڪجهہ "استاد" سنجيدو بہ ٿي،
ٺهڪ ڏئي ڏئي اوچتو "وو ووو" نہ ڪر!

***



# اميد پرست شاعر ’ڊاڪٽر تنوير عباسي‘

تاريخ جا ورق ورائي ڏسجن تہ جنهن بہ عالم، محقق، دانشور سنڌو ۽ سنڌي ادب جي جياپي لاءِ ڪم ڪيو آهي، انهن عظيم شخصيتن کي سنڌ جي باشعور ماڻهن بيحد پيار ۽ مانَ ڏنو آهي، توڙي جو هو بيروني عالم هجن يا سنڌو جي ڪک مان جنم وٺندڙ سنڌ جا اديب. انهن عظيم اديبن مان هڪ نانءُ ڊاڪٽر تنوير عباسي جو آهي. جنهن تي پوري سنڌ کي ناز آهي.

ڊاڪٽر نور نبي المعروف تنوير عباسي 7 ڊسمبر 1934ع تي ڳوٺ سوڀو ديرو ضلعي خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيو، سندس والد جو نالو گل حسن عباسي هو. ڊاڪٽر ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ وڌيڪ تعليم ڪراچي جي مشهور درسگاهن هيرانند اڪيڊمي، اين جي وي هاءِ اسڪول ۽ ڊي جي ڪاليج مان حاصل ڪئي.

ڊاڪٽر تنوير عباسي 1960ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج حيدرآباد مان ايم بي بي ايس جي ڊگري حاصل ڪري، پاڻ مستقل طور خيرپور ميرس ۾ رهائش اختيار ڪئي، جتي پاڻ 1964ع ۾ سندس اهليہ ڊاڪٽر قمر عباسي سان گڏجي ڦول باغ ويجهو ’سنڌ اسپتال‘ نالي هڪ خانگي اسپتال هلائڻ لڳو، پاڻ پوري زندگي ڊاڪٽري جي پيشي سان وابستہ رهي غريب، مسڪين ۽ ڏکايل ماڻهن جو همدرد رهي مفت علاج ڪندو رهيو.

ڊاڪٽر تنوير عباسي شاعري جي شروعات 1953ع ڊاري ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران ڪئي، پاڻ شروعات ۾ ’مغموم‘ تخلص استعمال ڪيو. سندس شاعري ۾ استاد سنڌ جو محبوب نقاد ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل هو.

ڊاڪٽر تنوير عباسي فطرت پسند ۽ رومانوي شاعر هو. سندس شاعري انساني ڪيفيتن، احساسن، جذبن ۽ اڌمن جو پُرزور بيان آهي، هو لفظن ۾ محبوب جي زلفن جي پيچ پيچان جو ذڪر ايئن ٿو ڪري، ڄڻ عاشق جي آڏو محبوب جي موجود هجڻ جو احساس ڏياري ٿو:

**ڪئين تصور منهنجو هن جي زلف پيچان کي ڇڏي،**
**بلبل بي آب وِ دانہ ڪٽ ٿي زندان کي ڇڏي.**
**هن جو دامن ويو ڇڏي منهنجي هٿن مان، ان ڪري،**

**ڪين ٿو دست جنون منهنجي ئي دامان کي ڇڏي.**
**ياد هوندو ڪنهن کي هاڻي محفل ياران ۾ هو،**
**ڏينهن ٿيا، ’تنوير‘ ويو بزمِ رفيقان کي ڇڏي.**

تنوير جي شاعريءَ جو جيڪڏهن گهرائي سان جائزو وٺجي ته معلوم ٿيندو ته سندس شاعري ۾ اهي سڀ خوبيون موجود آهن، جيڪي هڪ حقيقت پسند شاعر ۾ هئڻ گهرجن. تنوير وٽ مايوسي نه آهي، هو مايوس ٿي محبوب جي جدائي ۾ پٽڪڻ جو قائل نه آهي ان وٽ زندگي انمول آهي، هو زندگيءَ کي خوبصورت بنائڻ جو قائل آهي. هر انسان جيان نندڙيون حسرتون جيڪي صرف سوچي سگهجن ٿيون، جيڪي پوريون ته ڪڏهن به نه ٿيون ٿي سگهن، ان تي اسان جي تنوير جي نماڻي هڪ خواهش ملاحظ فرمايو:

**پر ٿي مليو، هو پيالو ليڪن چپ تي آڻي ڪيئن سگهياسين،**
**هڪڙي حياتي حاصل ٿي هئي، سا بي ماڻي ڪين سگهياسين.**

تنوير عباسي حقيقت پسند ۽ روشن خيال شاعر هو، سندس شاعري ۾ زماني جي اٿل پٿل ۽ تبديليءَ کي بيحد ئي آساني سان سمايو اٿس. شاعري بابت ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ پنهنجي ڪتاب ’سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر‘ ۾ لکي ٿو ته:

” تنوير بنيادي طرح انسانيت دوست شاعر آهي، جيڪا خصوصيت سنڌ جي هر روشن خيال ۽ ترقي پسند شاعر جي رهي آهي. “

انسان جي رهڻي ڪهڻي ۽ پاڻ سماج ۾ ريتن رسمن کي تبديل ٿيندي ڏسي تنوير چوي ٿو:

**جهوني جڳ جي ريت مٽي،**
**نفرت گهٽجي پري وڃي،**
**اڄ ڪا اهڙيءَ هام هڻو،**
**نينهن جو نعرو عام هڻو،**
**ڪليو ڪلايو جام ڪٽو!**

ڪو به حقيقت پسند انسان هن ڳالهه کان انڪار نه ٿو ڪري سگهي ته ڪيس فاني جڳ ڇڏڻو به آهي! پر زندگي بخشيندڙ انسان جو ذاتي عمل آهي، جيڪو مرڻ کان پوءِ به انسان کي زنده رکي ٿو. تنوير ساڳيو خيال هن ريت ٿو بيان ڪري:

**ڪجهه ڏئي ويندا سين، ڪجهه نه ڪٽي ويندا سين،**

**ٻور آهيون، ڏئي ميوو ۽ ڇٽي ويندا سين.**

ڊاڪٽر تنوير عباسي اهو ڪامياب شاعر هو، جنهن شاعريءَ جي سيني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي. پاڻ پنهنجي پهرين ڪتاب ’ رڳون ٿيون رباب‘ جي مهاڳ ۾ پنهنجي شاعري بابت لکي ٿو ته:

” پنهنجي ٿوري عمر آهر، مون به جيڪي ڪجهه ڏٺو وائٹو آهي، جيڪي واقعا منهنجي اکين آڏو گذريا آهن، جيڪي ڪجهه به منهنجي احساس ڪي اثاري ۽ جذبن ڪي جاڳائي سگهيو آهي، جنهن به نظاري اکين ڪي آرام ڏنو اٿم، ان ڪي ڪوشش ڪري، اهڙي ريت لکيو اٿم، جيئن ٻين جي دل ۾ به اهڙا احساس اٿن ۽ اهڙائي جذبا جاڳن، جيڪي منهنجي دل ۾ جاڳيا، جي پنهنجي ڏکندڙ ڏيئي جي وسامڻ کان اڳ ۾، ان جي لاٽ مان ڪي ٿورائي ڏيئا ٻاري سگهيس ته منهنجو جيئڻ سجايو ٿيو.“

ڊاڪٽر تنوير عباسي وطن دوست شاعر هو، سندس شاعريءَ سنڌ سان محبت جو اظهار آهي. ون يونٽ واري دؤر ۾ جڏهن سنڌي ڪتابن تي بندش وڌي ٿي وئي، جڏهن سنڌي ٻوليءَ تي وار پئي ٿيا، تڏهن وڏي واڪي تنوير پروگرامن ۽ ميڙاڪن ۾ شريڪ ٿي، هي نعرو بلند ڪيو:

**ٻاهر گل گلاب جا، اندر ۾ فولاد،**
**سنڌڙي جو اولاد پرکي ڏسو ڪانئرو!**

ڊاڪٽر تنوير عباسي شاعر سان گڏوگڏ بهترين نقاد هو. هن لطيفيات جي مختلف سياسي، تاريخي، فڪري جمالياتي پاسن تي هڪ بهترين ڪتاب، ’شاهه لطيف جي شاعري جو اڀياس‘ لکيو، هن نارائڻ شيام، سچل سرمست، نانڪ يوسف، خيرمحمد هيسباڻي تي پڻ تحقيق ڪري ڪيترائي مقالا لکيا.

ڊاڪٽر تنوير عباسي جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. انهن مان پهريون ڪتاب ، ’رڳون ٿيون رباب‘ 1958ع، ’شعر‘ 1970ع، ’سج تريءَ هيٺيان‘ 1977ع، ’هيءَ ڌرتي‘ 1985ع، ’تنوير چئي‘ 1989ع، ’شاهه لطيف جي شاعري جو اڀياس‘، ’نانڪ يوسف جو ڪلام‘ ترتيب 1982ع، ’خير محمد هيسباڻي جو ڪلام‘ ترتيب 1983ع.

تنوير عباسي انگلينڊ، فرانس، اٽلي، هالينڊ، يونان، ڀارت، متحده عرب امارات، آمريڪا ۽ ويسٽ جرمني ملڪ گهمي ڏٺا ۽ انهن سفرن تي شاندار سفرناما پڻ لکيا.

ڊاڪٽر تنوير عباسي ڪيترن ئي علمي، ادبي ادارن ۽ تنظيمن سان مختلف حيثيت سان وابسته رهيو. پاڻ 1966ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل، ان کان سواءَ سيڪريٽري پاڪستان رائٽرس گلڊ ميمبر دي پوئيٽري آف سوسائٽي لنڊن، ميمبر ايڊوائزري بورڊ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سيڪريٽري سچل سرمست يادگار ڪاميٽي، ڊائريڪٽر سچل چيئر شاهه عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽي خيرپور، ميمبر بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري

ايڊيوڪيشن سکر، پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس جو گورننگ باڊيءَ جو سنڌ مان ميمبر ۽ ٻين پڻ ڪيترين ئي ادارن سان وابستگي رهي خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. ڊاڪٽر تنوير عباسي کي ڪيترن ئي تمغن سان پڻ نوازيو ويو، جنهن مان پاڪستان رائٽرس گلڊ ايوارڊ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ايوارڊ، ڀارت مان شاعري تي نارايڻ شيام ايوارڊ ۽ حڪومت پاڪستان طرفان سڀ کان وڏو سول اعزاز شامل آهي.

آءٌ ته ڪلندي ملندي

گهاريون گهڙيون چار هليا ويندا سين،

ورهيه ورهائڻ آيا آهيون ونڊي پيار هليا ويندا سين.

اڻ چاتي ڪنهن پار جا ڪنهن اڻ چاتي پار هليا ويندا سين.

جي نه وڃڻ چاهيندا سين ته ڀ منهنجا يار هليا ويندا سين.

ڊاڪٽر تنوير عباسي 25 نومبر 1999ع تي اسلام آباد جي هڪ اسپتال ۾ وفات ڪئي.

***

# (تنوير عباسي جا ڪجھ غزل)

## نہ مان خدا نہ رسول

نہ ڪو مان خدا ۽ نہ ڪو مان رسول،
مان تنوير آهيان پوان شل قبول.

نہ ڏاهيان نہ ماريان، نہ ساڙيان، ٿو مان،
محبت ڪرڻ آهي، منهنجو اصول.

لهي ڪين ٿو عشق اپ مان ڪڏهن،
دلين مان محبت جو ٿئي ٿو حصول.

لٿا ڪن مٿان آسماني ڪتاب،
۽ مون تي محبت جو ٿيو آ نزول.

نہ وسري سگهي ٿي ڪڏهن ياد سا،
اُها جل پري، مان ۽ سوئمنگ پول.

## نہ ڪي بيت مون وٽ نہ ڪي آيتون!

نہ ڪي بيت مون وٽ نہ ڪي آيتون،
رڳو پيار ۽ پيار جون ساعتون.

رهياسين سڄي عمر معصوم تہ بہ،
اسان تي لڳيون عشق جون تهمتون.

نہ ڪي صورتون ۽ نہ ڪي مورتون،
نہ ڪي جلوتون نہ ڪي خلوتون.

اسان طورسينا اکين تي رکيو،
نگاهن کي ڏيو ڪي پيون دعوتون.

اوهان چُپ ڪري دل ۾ ويهي رهيئو،
۽ هر هنڌ اوهان کي سڏيندا وتون.

اسان جي محبت ڪندي معجزو،
نہ رهنديون اهي نفرتون نفرتون.

ٻَرُوَ جي وڻن جيان اسان جو جيئڻ،
۽ مانجهاندڙين جان سندن قامتون.

## پيارو پل ويو لکجي!

پيارو پيارو اهو پل ويو لکجي،
تو نهاريو ته غزل ويو لکجي.

تنهنجي پوشاڪ جيان ئي سرهو،
جملو ڪو رنگ رتل ويو لکجي.

ڏنڊ جي منهن تي سنڌ نيڻن جيان،
آهي ڪيئن نيل ڪمل ويو لکجي.

رات جي اڪ ۾ ڪاتب ڪان،
ڪارو ڪارو آ ڪجل ويو لکجي.

ڪيئن تقدير لکڻ واري ڪان،
عشق سان لفظ اجل ويو لکجي.

## نہ ڪا حور گهر جي نہ ڪا پري!

نہ ڪا حور گهر جي نہ ڪا پري،
اها ئي ڪپي جا ڪري دلبري.

تجليءَ ۾ گرمي تجليءَ ۾ نور،
تجليءَ سان ليڪن پئي دل ٺري.

سري ليڪن وڏي قرب سان،
اوهان ڪان جدا ٿي گهڙي جا سري.

ڪڏهن ميڻ ٿي آهي، ويندي ڄمي،
ڪڏهن پهڻ ٿي آهي ويندو ڳري.

ڏنس تو پري پيار جي هڪ نظر،
۽ ”تنوير“ ان ئي گهڙيءَ پيو ڪَري.

***



# عوامي شاعر ’ابراهيم منشي‘

سنڌ انهن هزارين شخصيتن جي زندگيءَ جي اکين ڏٺي شاهد آهي، جن مفلسي ۽ غربت جي زندگيءَ گذارڻ باوجود پنهنجي ڌرتيءَ جي آجپي ۽ وقار لاءِ غربت جي تکي ڪاتيءَ سان ذبح ٿيندي به پنهنجا حوصلا بلند رکيا آهن ۽ ڪڏهن به ڪنهن ڏاڍ اڳيان ڪين جهڪيا آهن. انهن عظيم انسانن منجهان سنڌ جو عوامي شاعر ابراهيم منشي به هڪ آهي.

محمد ابراهيم، تخلص منشي 15 جنوري 1934ع ڳوٺ جنهاڻ خان سومري تعلقي ٽنڊي محمد خان ضلعي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو محمد اسحاق هو. جيڪو پڻ سٺو شاعر هو. ابراهيم منشي شاعري جي شروعات 13 سالن جي ڄمار ۾ ڪئي، پاڻ شروعات ۾ مولود، غزل ۽ پوءِ عشقيه ڪلام چوڻ لڳو.

1945ع ۾ سندس والد جي وڇوڙي ڪان پوءِ گهر جو سڄو بار اچي مٿس پيو. اهو ئي سبب آهي جو پاڻ پنج درجا سنڌيءَ جا پڙهي وڌيڪ تعليم حاصل نه ڪري سگهيو. پاڻ مسلسل پيٽ جي باهه اجهائڻ لاءِ ڪڏهن گهورائو بنجي ڳوٺ ڳوٺ ۾ صدائون هڻندو رهيو ته ڪڏهن وري رشتيدارن جي زمين جا ٽي ايڪڙ آباد ڪري منشيگيريءَ جو ڪم ڪرڻ لڳو. پاڻ ڳوٺ ۾ منشي جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ پوءِ پنهنجو تخلص منشي رکيائين.

ابراهيم منشي عوامي شاعر هو، سندس شاعريءَ ۾ سنڌ جي ڏتڙيل بکايل ۽ مظلوم ماڻهن جي زندگيءَ جي عڪاسي ٿيل آهي، هو جاگيردارن جي سياست ۽ غريب عوام جي بيوسي کي پنهنجي شاعريءَ ۾ موضوع بڻائي ٿو، هو پوتارڪي واعدن ۽ عوام لٽيندڙ وڏيرن جي ظلم ڪٿا کي پُرزور انداز سان پيش ڪري ٿو:

**وري پيننگ ڪئي، جن سي پائو اچي ويا،**
**اچي ويا وڏيرا، ويڪائو اچي ويا.**
**ڪسابن ڪان ڪهندي، لنگهي ويا جي ليڪو،**
**وري سال پنج سي ڪٽڻ آيا ٽيڪو،**
**ورو سپ ويڙهيچا، وٺون واٽ ٻي ڪو.**
**اٿي ۽ لٽي ۽ اجهي جا ڏيئي نعرا،**
**ڪيئون قوم اڳيان پنهنجا منهن ڪارا،**

**ڪڏهن بنجي اسلام جي اک جا تارا،**
**ڪڏهن بنجي لينين ۽ مائو اڇي ويا.**

ابراهيم منشي جي شاعريءَ سنڌ جي ماٺهن جو سگهارو آواز آهي، سندس شاعري وڏيرڪي سياست ۽ سنڌ دشمن سياست ڪندڙ پوئٽارن جا راز پڌرا ڪري ٿي. ابراهيم منشي جنت جهڙي دنيا جا خواب ڏيکاريندڙ پوئٽارن ڪي ڇڻ موجوده سنڌ جو چٽو آئينو ڏيکاري ٿو:

**هر بشر غمگين تنهنجي ڳوٺ ۾،**
**ناهي ڪا تسڪين تنهنجي ڳوٺ ۾.**
**چار ٺيڪيدار واپاري ٻه چار،**
**سڀ ٻيا مسڪين تنهنجي ڳوٺ ۾.**
**واهه ڪورٽ جج تون جداد تون،**
**ڪو ٻه رهندو ڪين تنهنجي ڳوٺ ۾.**
**غم غريبن کي سدائين پيٽ جو،**
**تون ئي تون شوقين تنهنجي ڳوٺ ۾.**
**مرڪ تنهنجي کي ڏسي "منشي" پڙهي،**
**سورت ياسين تنهنجي ڳوٺ ۾.**

ابراهيم منشي سنڌ جي هاري، ناري، ڪڙمي ڪاڇي جي نمائيندگي ڪندڙ شاعر هو، پاڻ ڪڏهن ٻه سنڌ جي حقن خلاف سوديبازي نه ڪيائين، اهو ئي سبب آهي جو پاڻ جڏهن ٻه سنڌي قوم جي حقن خلاف ڪا سازش محسوس ڪئي ته سنڌ جي دشمن سان جنگ جوٽيندي نظر آيو:

**جنگ جنگ جنگ آ، منهنجي توسان جنگ آ،**
**پليت پير ڪر پري هي ڌرتي منهنجو ننگ آ.**
**جڏهن ٻه سنڌ سڏ ڪيو، ته پهچي پنڪي ور ويو،**
**۽ جوڙي سي جتا جتا، ٿي گهور ٿيون ڌرمتان متا،**
**نه هچڪيا نه هٻڪيا نه دم دلير دٻڪيا،**
**اجائي تو اڇي هتي، اڙائي تن سان ٽنگ آ!**

يا

**نٿو جو سنڌ لئہ لڙي، نٿو جو سنڌ لئہ ڪڙهي،**
**سو سنڌ مان لڏي وڃي، سو سنڌ کي ڇڏي وڃي.**
**برابري سراسري، اسان گهرون ٿا ايتري،**
**پڇي ڪٽي ڪو ڪيتري، اسان ٻڌايون جيتري،**

**آزاد قوم جيتري، آزاد قوم جيتري،**
**جو سچا نهيءَ تان سڙي، سو سنڌ مان لڏي وڃي.**

منشي جي شاعريءَ قوم لاءِ اتساهه آهي، سندس شاعري اڄ به سنڌ جي جهنگ جهر، شهر شهر ۾ گوجندي رهي ٿي ۽ تاقيامت تائين گوجندي رهندي. محترم ابراهيم جويو ابراهيم منشي بابت لکي ٿو ته :

” هن ڏوٽي، هن عطائي، هن درياءَ دل، راڳي شاعر پنهنجي منفرد نظمن، واين ۽ ڪافين سان جهوليون ڀريون آهن، جهولين ڪان وڌ اسان جون دليون ڀرڻ چاهيون آهن، بشرطيڪ هن جي اها ورڪا وٺڻ لاءِ اسين پنهنجون دليون ڪوليون ۽ ان ۾ صدا آهي، پنهنجي ماروئن ۽ پنهنجي ملڪ لاءِ قرباني ۽ ڪم جي صدا ٻڌون.“

ابراهيم جي شاعريءَ جتي وطن جي دفاع لاءِ دشمنن سان اکين ۾ اکيون ملائي جواب ڏيڻ جو چٽو اظهار آهي ته اتي وري محبوب جي سڪ ۽ محبوب جي ملڻ جي اوسيئڙي ۾ سالن پري انتظار جو اظهار پڻ:

**هڪ مند چري آهي، ٻئي جا رات ٿري آهي.**
**اهڙي ۾ اچڻ تنهنجو ياڳن جي ڀري آهي.**

ابراهيم منشي جي شاعريءَ جا ڪيترائي مجموعا شايع ٿي چڪا آهن، جنهن مان ’ڌرتي دين ڌرم‘، ’گوندر ويندا گذري‘، ’ڌونئري ڏينهن ڌاڙا‘ وغيره. ابراهيم منشي جي ڪيل پورهئي تي سڄي سنڌ کي ناز آهي. اڄ پوري سنڌ ابراهيم منشي جهڙي عوامي شاعر تي فخر ڪري ٿي. هي سنڌ جو عوامي شاعر هن فاني دنيا مان 31 جولاءِ 2003ع تي لاڏاڻو ڪري ويو.

# (ابراهيم منشي جا ڪجهه غزل)

## سو سنڌ ڪي ڇڏي وڃي!

نڪو جو سنڌ لئہ لڙي، نڪو جو سنڌ لئہ ڪڙهي،
سو سنڌ مان لڏي وڃي، سو سنڌ کي ڇڏي وڃي.
برابري سراسري، اسان گهرون ٿا ايتري،
پڇي ڪٿي ڪو ڪيتري، اسان ٻڌايون هيتري،
آزاد قوم جيتري، آزاد قوم جيتري،
جو سچ انهيءَ تان سڙي، سو سنڌ مان لڏي وڃي.
نڪاريو سنڌڙي حسن، ڏسي ڪيئن ڪونڌر پيا ڪسن،
ڪروڙ ڪاهيندا اچن، ڪُسڻ جو ڪوپ پيا پيئن،
مڃن مڃن اندر مڃن، مڃن مڃن اندر مڃن،
جنهن وڪ هٽائي بي وڙي، سو سنڌ مان لڏي وڃي.
هي مڪليون، موهن دڙا، ٽرن برن ٽڪ ا گهڙا،
ٺهڪائي جنهن ٽاندا ڪيا، ڪٿي ويو ٽپڙ ٽڙا،
انهيءَ ڪري هڙا وڙا، انهيءَ ڪري هڙا وڙا،
نڪو جو ٽڙ مٿان ٽڙي، سو سنڌ ما ن لڏي وڃي.
ٽي انتها آ ڪيس جي، ۽ ڪيسين ويهندا هيسجي،
ڇڏي ڏي ريت ريس جي، پُريون ٻہ ويندئون پيسجي،
آ جنگ جيس جيس جي، آ جنگ جيس جيس جي،
اٿي نہ جو ٽڙي ڪڙي، سو سنڌ مان لڏي وڃي.
ٻڌين نڪو ڪٻي سڄي، نغارو جنگ جو پيو وڃي،
گهٽين هٽين چپر ڪڄي، هلي نہ جنهن هيون هڄي،
يڄي يڄي هينئر يڄي، يڄي يڄي هينئر يڄي،
دڙي ٽي داڦ بيهہ دڙي، سو سنڌ مان لڏي وڃي.
هي ملڪ "منشي" ٽيو مَڪِي، چوي پيو پڪڻ پڪي،

جڏهن ٻه قوم آ ڪَڪِي، لکين لهي آيا لکي،
سنڌوءَ جي سرڪ جنهن چکي، سنڌوءَ جي سرڪ جنهن چکي،
پيءُ جان سان نٿو جڙي، سو سنڌ مان لڏي وڃي ٿو.

## وڏيرن جو وريو وارو!

وڏيرن جو وريو وارو خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو،
وري مارن مٿي مارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.
جمهوريت راڄ ٿيو جاري، ڇڱا ڇالان ڇوڏاري،
هزارين جيل ۾ هاري، ظلم ساڳئي ۾ نر ناري،
وري سورن ۾ سنڌ ساري، نئين سر قيام ٿي ڪاري،
وري مظلوم ويچارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.
وري رهبر بنيا باطل، اهي ئي قوم جا قاتل،
سدا غم ڪڙم ڪان غافل، پوڄاري پيٽ جا پاليل،
نئين نعري ۾ ٿي شامل، نئون ليبل اها بوتل،
اها بگري اهو ڊارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.
وري گنگا صنم ساڳيا، وٺي آيا جنم ساڳيا،
اسم ساڳيا جسم ساڳيا، وري سانگين ستم ساڳيا،
وري پاڳين پرم ساڳيا، وري ڪوڙا قسم ساڳيا،
وري قانون اهو ڪارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.
وٺي ويئي مارشل موڪل، هنگامي آئي هٽ ٺوڪيل،
سنڌي ۽ سنڌ ٽاٽي ۾، هميشه جيئن رهيا روڪيل،
اهي ئي چور ٿيا اڄ، چور دروازي ڪنان داخل،
نه آهي ڪو ڇوٽ چارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.
هتي جنهن ٻڙڪ سچ ٻولي، لڳي ٿي ترت تنهن گولي،
ٺڳي جي ناهي نئين ٽولي، خدا جي خلق تي رولي،
هلي هر هنڌ پيئي هولي، لڳي گولي سندي لولي،
ڪائي ميمبر پيو ڪڳمارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.
ويون انصاف جون راهون، پيا مسڪين ڪن دانهون،
ڪيا جن قول تي ڪيڏا، ٻئي هر هر ڪٽي ٻاهون،
وزارت جون وٺي ڪرسيون ڪري ويا پير سپ پاهون،
ٿيو پڌرو اڄو ڪارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.
اهي قريون اهي ڌاڙا، پوليس ڪئين پٽيا پاڙا،

سفارش جا اهي ساڙا اهي رشوت سندا راڙا،
وزيرن جا پري واڙا، لچن لالچن تي ڪيا لاڙا،
وهي واهڙ پيو اوپارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.
لڳي ڪرسي مِٺي منصوري، ويا سڀ واعدا وسري،
ٻڌائون حال ڇئو ڪنهن ڪي، سڀ ئي نانگا ٿيا نسري،
سپيئي سلطان هي ڪسري، سڏائن پاڻ ڪي پسري،
ڪيو تن عيش ڏي آرو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.
جهنگن جا ساڳيا جهانگي، سپيئي سورن اندر سانگي،
بکن بيحال ڪيا "منشي" نه تن جو ڪو وريو وانگي،
اڳوڻي ڪان ظلم آڳرو، ملي سون منهن تي دانگي،
ڪيوسون پنهنجو منهن ڪارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.

***



# لفظن جو جادوگر 'اياز گل'

ادب ذوق جڏهن پنهنجي چؤطرف گوڙ گهمسان، وحشتون، نفرتون، دغابازيون، ناڪاميون ۽ نااميدون ڪٽي، بي ساراهہ پنهنجي اندر ۾ ليئو پائي پاڻ ڪي تنها محسوس ڪري ٿو ۽ جڏهن حال اورڻ لاءِ ڪير بہ همہ خيال گڏ نہ ٿو هجي تہ اتي وري لفظن جي جادوگرن جو سهارو وٺي، پنهنجي اندر جي طوفان ڪي مات ڪرڻ لاءِ ۽ دل جي سڪون لاءِ ڪنهن شاعر جون ڪويتائن جون ڪجهہ سٽون لبن تي آڻي پاڻ ڪي ذهني اذيت کان بچائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري ٿو. انهن لفظن جي جادوگرن مان هڪ نانءُ سنڌي ادب جي شاعر اياز گل جو آهي.

اياز علي المعروف اياز گل 6 مارچ 1959ع تي سکر ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو رجب علي دل آهي. اياز گل ابتدائي تعليم سکر مان حاصل ڪئي ۽ پاڻ ايم سنڌي، بين الاقوامي تعلقات ۽ ايل ايل بي جو امتحان پڻ پاس ڪيو اٿس. هن وقت پاڻ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽي خيرپور ۾ پروفيسر جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهي.

اياز گل سنڌي شاعرن مان هڪ منفرد شاعر آهي، جنهن جي شاعري جي خوبي عام فهم خيال آهن. هو عام فهم ساڌن لفظن ۾ بہ موسيقيت ۽ تخيل جو جادو سمائي پڙهندڙ تي پنهنجي جادوگريءَ جا گهرا اثر ڇڏي ٿو. سندس شاعري فارسي بحر و وزن ، تشبيهہ ۽ استعاري جي محتاج نہ آهي، هن وٽ سنڌي ٻوليءَ جا عام فهم استعارا ۽ تشبيهون آهن. ڪتاب 'توبن ڪهڙا ڇانورا جي مهاڳ ۾ شيخ اياز لکي ٿو تہ :'

"اياز گل جي شاعري پنهنجي ڌرتيءَ جي پيدائش آهي. اها فارسي بحر وزن جي مشاقيءَ تي نہ ٿي ٽڪي. ان ڪي هڪ انوکي خوشبو آهي، جا نم جي ٻُور ۾ ٿيندي آهي ۽ ان ڪي هڪ الڳ رنگ آهي، جو پڪل پيرُن ۾ ٿيندو آهي."

گل رومانوي شاعري آهي، سندس شاعريءَ ۾ محبوب جي ماڻن، رسڻ، پرچائڻ، آزيون، نيازيون، مهڻا تہ ڪٿي وري محبوب جي ناراضگي جو اظهار آهي. هو لاچار عاشق جي اندر جي طوفان ڪي سمائي محبوب جي تلخين ۽ ماڻن جي ترجماني ڪجهہ هن ريت ڪري ٿو ملاحظ فرمايو:

**چپ اوهان جا پنهنجا لفظ پرايا هن،**

**يارو! آهيو ڊرامي جي ڪردارن جيان !**

**يا**

**تو ڪي ۽ تنهنجي**
**يادن ڪي چاهي؟**
**پوڳيون يار اسان ٽا!**

گل وٽ جيون جي دانهن آهي، جيڪا دانهن حساس دل رکندڙ ڪو عاشق ئي سمجهي سگهي ٿو، هو پريتم کان سواءِ جيون کي ڪجھ بہ نہ ٿو سمجهي، جنهن وٽ محبوب جون يادون ئي سڀ ڪجھ آهن. ساڏي لفظن ۾ بيان اسلوب ملاحظ فرمايو:

**تنهنجون يادون! نہ تون!**
**جاني ڙي! ڪيئن جيون؟**

گل پيار ۽ سونهن جو شاعر آهي، هو رواجي ريتن رسمن کي نندي دل جي دنيا جوڙڻ جو خواهشمند آهي، هن جو مقصد صرف محبت ۽ رواداري کي قائم ڪرڻ آهي. هو ان معاشري ۾ رهي ٿو جتي پيار جي ڪا بہ اهميت نہ آهي. گل پيار تي غالب رسمن کي نندينديـ چوي ٿو:

**هر پيار کي ٻوڙي ٿو،**
**رسمون اهو پاٽي آ.**

جنهن معاشري ۾ رشتن ناتن جي اهميت ختم ٿيندي وڃي ۽ جنهن سماج ۾ نفسانفسي، دغابازيون، اڻ برابري ماڻهن جو ايمان ٿي پوي، ان پوري معاشري کي بهتر بڻائڻ لاءِ هڪ ئي ترڪيب ضروري آهي، اها ترڪيب پيار، پنهنجائپ جو احساس جيڪو هر دور ۾ انسان جي عظيم ضرورتن مان هڪ آهي. ملاحظ فرمايو:

**هر فساني جو ٿئي دور ٿو پر،**
**پيار هر دور ۾ نيارو هوندو!**

اياز گل جي شاعريءَ تي تبصرو ڪندي ادل سومرو صاحب پنهنجي ڪتاب ’ اسين مسافر پيار جا ‘ ۾ لکي ٿو تہ :

” گل جي شاعريءَ جو مکيہ گڻ ٻولي ۽ لهجي جي سادگي آهي. هن سموري شاعريءَ ۾ خوبصورت عڪس ڳوڙها ويچار، اندر جا احساس ۽ جذبا، عام فهم لفظن ۾ بيان ٿيل آهن.“

اياز جديد شاعر آهي، هن وٽ موضوع پڻ جديد آهن. هو پنهنجي ٻولي ۽ ادب لاءِ بيحد فڪرمندي نظر اچي ٿو، موجوده دور ۾ جتي ماڻهن جا سماجي قدر تبديلي تي ويا آهن، هر ماڻهو

صرف پنهنجي ذات لاءِ سوچي ٿو، اتي اياز پنهنجي قومي ادب ۽ قومي ٻولي جي ورثي جي وارثي ڪندي چوي ٿو:

**ٻسڪو جي دور ۾ اسان جو چڻ،**
**عارفاڻو ڪلام آ، جيون!**

يا

**شهر ماڻهن سان پريل ڪو به خريدار نه پر،**
**لڙڪ پنهنجا پيو ٿيا سنڌي ڪتابن وانگي!**

گل جي شاعري جو جيڪڏهن گهرائي سان جائزو وٺجي ته معلوم ٿيندو ته اياز گل جي شاعريءَ جي انمول خوبي تشبيهه جو بهترين استعمال آهي. هو پنهنجي شاعريءَ ۾ عام فهم تشبيهون استعمال ڪري، جديد شاعرن مان پاڻ کي ميجايو آهي. نئين ٿهي جي شاعرن مان جيڪڏهن ڪيس تشبيهه جو بادشاهه شاعر چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو. گل محبوب جي قول قرار کي پاڻي جي ليڪن سان تشبيهه ڏيئي ڪيڏو نه خوبصورت خيال پيش ڪيو آهي. ملاحظ فرمايو:

**پاڻيءَ تي چڻ ليڪا ها ميان،**
**تنهنجا قول قرار!**

گل جي شاعريءَ جي سونهن تشبيهه آهي. هو سنڌ جي سياسي صورتحال تي ڪڙي نظر رکي ٿو، عوام کان ڪئين پوتار، وزير، مشير ڪوڙا وعدا ڪري ووٽ وٺي ويندا آهن، جيڪي پنجن سالن کان پوءِ وري نه پنهنجي جوءِ ۾ نظر ايندا آهن ۽ جيڪڏهن نظر آيا ته صرف سرڪاري بيان بازي کان ڪم ورتو ويندو آهي. سرڪاري وعدن کي موضوع بنائيندي سائڻ سان ڪجهه هن ريت مخاطب ٿئي ٿو:

**سائڻ! تنهنجو هر ڪو وعدو،**
**سرڪاري اعلان جيان آ.**

هڪ غريب جيڪو هڪ ويلي جي ماني لاءِ پريشان آهي، ان لاءِ هڪڙي ماني جنت به آهي ته ڀڳوان ۽ الله به، ڏسو خوبصورت تشبيهه جو استعمال:

**پيٽ بکئي لئہ هڪڙي ماني،**
**سرگ جيان، ڀڳوان جيان آ.**

يا ٻئي هنڌ هڪ غريب ماڻهو جي معاشي زندگيءَ جي عڪاسي ڪندي چوي ٿو:

**هر خوشي قرض ۾ هلي ٿي وڃي،**

**ماستر جي پهگار وانگي آ.**

اياز گل جي شاعريءَ جو ٻيو پهلوءَ وطن پرستي آهي. سندس شاعريءَ ڌرتيءَ جي خدائن، غاصبن ۽ ظالمن جا ظلم، جبر ۽ وحشتن کي پڌرو ڪري ٿي ۽ عوام الناس جي بيوسي، بک، ڏک ۽ تڪليفن جي پڻ ترجماني ڪري ٿي. گل هڪ هنڌ سنڌ جي عوام جي ترجماني ڪندي چوي ٿو:

**بارود بڪون، باهيون هر ظلم، جبر، وحشت،**
**ڌرتيءَ تي لکين ٿورا، ڌرتيءَ جي خدائن جا.**

گل سنڌ جي سياسي ليڊرن جي ڪڌن ڪرتوتن ۽ دغابازين کي پنهنجي شاعري ۾ موضوع بنائي ٿو، سنڌ جي سياستدانن کي آئينو ڏيکاريندي اهواحساس جڳائي ٿو ته اوهان پنهنجي وطن جو سوڌو چند رپين خاطر ڪري ڇڏيو تا ۽ سرڪاري زمين چند رپين خاطر وڪڻي سنڌ جي ماڻهن کي دربدر ڪرڻ چاهيو ٿا. گل جي خيال موجب اهي عوام دشمن صرف واپاري آهن، جيڪي صرف واپار ڪرڻ ڄاڻن ٿا،:

**ديس ٻه وڪڻي ايندا آهن،**
**اهڙا پيي واپاري ماڻهو!**

گل مظلومن جو شاعر آهي، هو مظلوم ماڻهن جو سگهارو آواز آهي، سندس شاعريءَ جو موضوع اها عورت پڻ آهي جيڪا اسان جي سماج ۾ ڪمزور سمجهي وڃي ٿي، جنهن کي وڏيرن جي فيصلن ۾ چٽي طور ڏوهه ۾ ڏنو وڃي ٿو، تنهن ظلم جي مزاحمت ڪجهه هن ريت ڪري ٿو.

**تو ڏوهه ڪيا تن جا،**
**مون ڏنڊ ڀريا آهن!**
**سنڌ ۾ ئي اڄي سائي،**
**ڇو پير ڌريا آهن!!**

سنڌ ڌرتيءَ تي ڏيهاڙي ظلم، نا انصافيون، خون ريزي، نفسانفسي وڌندي ٿي وڃي ۽ هر باضمير ماڻهو جهڙوڪ پنهنجي پاڇي کان ٻه ڇرڪندو رهي ٿو، گل سنڌ جي موجوده صورتحال جي عڪاسي ڪندي چوي ٿو:

**موت جي ڪيڏي پرتي آهي،**
**پنهنجي پاڇي کان ڇرڪان ٿو،**
**ڇا هي منهنجي ڌرتي آهي؟**

سنڌ کي هرروز ملندڙ، ڇچريل لاشن تي احتجاج ڪندي، غاصب کي آئينو ڪجهه هن ريت ڏيکاري ٿو:

**جئين ڇچريل ڪو سينو آهي،**
**هر غاصب جو چهرو هن ۾،**

**سنڌڙيءَ جڻ آئينو آهي!**

گل سنڌ جي ڀهراڙين جي عڪاسي ڪري ٿو، جتي قبيلائي تڪرارن جي ور چڙيل نوجوان زندگيون تباهه ٿي رهيون آهن. ڀهراڙين جا ٻار جنهن جي هٿن ۾ قلم هجڻ کپي، پر افسوس قلم جي بدران هٿن ۾ هٿيار آهن. هو سنڌ جي ناقص تعليمي نظام ۽ حڪمرانن جي جوڙيل حڪمت عملي کي ننديندي چوي ٿو ته:

**چمڪن پيا هٿيار ۽**
**قلم ڪتابن تي**
**دز چڙهي وئي آهي.**
**ياد- ڪتابن تي**
**سارن خوابن تي**
**دز چڙهي وئي آهي!!**

اياز گل اميد پرست شاعر آهي، هو پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌ جا سور روئيندي، اميد پڻ ڪري ٿو ته آخر ظلم ۽ جبر جي رات ڪٽندي ۽ نيٺ صبح ٿيندو نيٺ سنڌ مان وري ڪي ئي گلاب ڦٽندا ۽ وري منڙي جيجل سنڌ پنهنجي جوڀن کي رسندي:

**نيٺ تنهنجي سوال کي رسندا،**
**سنڌ! مون جي جواب پوکيا هن!**

اياز گل پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ دعاڳو آهي ته اي ڌڻي منهنجي منڙي سنڌ کي سلامت رک، جو ته هن سان وير رکندڙ دشمن گهڻا آهن:

**سنڌ منهنجا ڌڻي! سلامت رک،**
**چئني پاسن کان ساڙ جاڳيا هن!**

اياز گل غزل، نظم، آزاد نظم، بيت، وائي ۽ شاعري جي سيني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. پر سندس محبوب صنف غزل رهي آهي. سندس شاعري جا ڪيترائي مجموعا شايع ٿي چڪا آهن، جنهن مان پهريون مجموعو ’گل ۽ تارا‘ 1979ع، ’پيلا گل پلاند ۾‘، ’ڏينهن ڌڻي جا سپنا‘، ’سوچون سرها گل‘، ’ڏک جي نه پچاڻي آ‘، ’تو بن کهڙا چانورا‘ ۽ ’نثر ۾ زنگ لڳل زندگي‘ ڪابل تعريف آهن.

***

# (اياز گل جا ڪجهه غزل)

## دک جي نہ پڇاڙي آ

دک جي نہ پڇاڙي آ،
هر شخص ڪهاڙي آ.

تون مان ئي اياڻا هئون،
دنيا تہ سياڻي آ.

هر پيار کي ٻوڙي ٿو،
رسمئون اهو پاڻي آ.

ڏيئي کي سلامت ڪر،
جي لاٽ اجهاڻي آ.

احساس بنان ماڻهو،
اخبار پراڻي آ.

سپ ڌوڙ ڪري ويندي،
جا ڌوڙ اُڏاڻي آ.

هو، مان ۽ رڳو ڳوڙها،
ناول جي پڇاڙي آ.

مون لاءِ مري وئين تون،
هن تار اُماڻي آ.

## وقت ڪيا ويرانا ماڻهو!

وقت ڪيا ويرانا ماڻهو
تنهنجا ڪي ديوانا ماڻهو.

تو ڪي ارپڻ آيا آهن،
لڙڪ ڪٽي نذرانا ماڻهو.

مان جو اڄڪلهه هيڪل آهيان،
جوڙن تا افسانا ماڻهو.

منهنجو هو هڪڙو پي ناهي،
تنهنجا سڀ زمانا ماڻهو.

وڇڙي ويندا جي وڇڙڻ جا،
ڳولهن روز بهانا ماڻهو.

کهڙا جڳ سان ليڪا ڪرڻا،
يار اسان مستانا ماڻهو.

## منهنجا لڙڪ سوالن وانگي!

منهنجا لڙڪ سوالن وانگي،
تنهنجا ٽهڪ جوابن وانگي.

جيئڻ ٻه ڪين اسان کي آيو،
محفل جي آدابن وانگي.

ذهن جي بوڪ-شيلف ۾ آهن،
يادون بند ڪتابن وانگي.

توکان وڇڙي دل تي گذريو،
هر پل دوست! عذابن وانگي.

دل جا دودا ٽيندا آهن،
پيارا! ڪين حسابن وانگي.

تنهنجو پيار ٻه ٽيو اسان لاءِ،
ڏينهن ڏٺي جي خوابن وانگي.

پنهنجي قسمت ۾ تون پيي،
ناهين يار! ثوابن وانگي.

منهنجون راهون ڪندا ڪندا،
تنهنجا پير گلابن وانگي.

## اسان پريت لاتي!

اوهان سان جڏهن کان اسان پريت لاتي،
رهي دل رڳو تي، اوهان لاءِ آتي.

اوهان پيي ٻين جان برو چئو اسان کي!
اوهان پيي اسان جي حقيقت نہ ڄاتي.

وفائن کي ويئا جفائون سڏيو تا،
اوهان سک ڪڏهين نہ ڪائي سڃاتي.

گهرن جا سيئي در پيا بند آهن،
اسان لئہ ڪڏهن ڪين پاتي ڪو جهاتي.

مرڻ ڪو مسئلو نہ آهي او سهڻا،
وڏي ڳالهہ آهي گذارڻ حياتي.

ڏکن ۾ ٻکن جي ذڪر کان سوا جنهن،
لکيو ليک، ليکڪ آ، چڻ ڏوڙ پاتي.

# پيار ئي پيار!

پيار ئي پيار تو گھرڻ چاھيان،
توسان گڏ تو، جئين، مرڻ چاھيان.

تنھنجو نالو وٺڻ بھانو آ،
پاڻ کي ياد تو ڪرڻ چاھيان.

ھر خوشي تو کي ڏئي زماني جي،
تو کان ھر درد تو ڦرڻ چاھيان.

آءُ يادن جو ديپ آھيان پرين!
تنھنجي دل ۾ پيو ٻرڻ چاھيان.

منھنجي منزل اڳي، گھٽي اڳتي،
وقت آھيان، نٿو ورڻ چاھيان.

سچ جي سچ جھڙي پيرن ۾،
ڪوڙ دنيا جو تو ڌرڻ چاھيان.

***



# شاهه جو شيدائي ’ڊاڪٽر گربخشاڻي‘

جيجل سنڌ پنهنجي سڀاڄهڙي ڪک مان سچن سپوتن، محنت ڪش انسانن، علم جي عقابرن، دانشورن، محققن، شاعرن ۽ اديبن کي جنم ڏنو آهي، انهن سنڌ جي سڀاڄهڙن پٽن مان هڪ نانءُ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي جو آهي.

هوتچند المعروف ڊاڪٽر گربخشاڻي 1884ع ڌاري حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو مولچند گربخشاڻي هو. سائين جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب ’جنب گذاريم جن سين‘ ۾ گربخشاڻي صاحب جي خاندان بابت لکي ٿو ته:

” هي صاحب حيدرآباد جي گربخشاڻي عالمن جي خاندان مان هو، سندس ڏاڏو ديوان نئنسکداس زميندار ڪندو هو. سندس والد ديوان مولچند پڙهي روينيو کاتي ۾ نوڪري ڪئي. ڪهڙي عهدي تان رٽائر ڪيائين، ان جو پتو پئجي نٿو سگهي. هي اصل وڏواڻي گهٽي ۾ رهندا هئا، جتان لڏي پوءِ مارڪيٽ جي پر ۾، آغا خاني خوجن جي پاڙي ۾ وڃي وينا.“

هوتچند ابتدائي تعليم حيدرآباد مان حاصل ڪئي ۽ پاڻ سيڪنڊري تعليم اين ايچ اڪيڊمي مان 1899ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو، تنهن کان پوءِ 1900ع ۾ ڏيارام ڄيٺمل آرٽس (جنهن کي هاڻي ڊي جي ڪاليج جي نالي سان سڏين ٿا) ۾ داخلا ورتي، جتان 1905ع ۾ بي-اي جو امتحان پاس ڪيو. هوتچند کي علم جي تونس ويهڻ نه ڏنو، هو وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ بمبئي روانو ٿيو، جتان بمبئي جي مشهور ولسن ڪاليج مان 1907ع ۾ ايم اي انگريزي ۽ فارسيءَ جي ڊگري حاصل ڪئي. هن نوجوان جي محنت ۽ جفاڪش جو مان رکندي، ولسن ڪاليج جي انتظاميا ڪيس ساڳئي ئي ڪاليج ۾ استاد مقرر ڪيو. (ڊاڪٽر صاحب جي قابليت ۽ محنتي هجڻ جو مثال هن کان وڌيڪ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟.) ڊاڪٽر صاحب ولسن ڪاليج ۾ هڪ سال پڙهائڻ کان پوءِ 1908ع ۾ سنڌ موٽي آيو، جتي پاڻ ڊي- جي سنڌ ڪاليج ۾ پروفيسر مقرر ٿيو، اتي پاڻ ڪجهه عرصو پروفيسر رهيو، وائيس پرنسپال ۽ پوءِ پرنسپال جي عهدي تي فائز رهيو.

ڊاڪٽر هوتچند صوفي منش هو، هن 1928ع ۾ لنڊن يونيورسٽي مان ’اٺوهين صدي جي انگريزي شاعري ۾ تصوف‘ جي عنوان تي پي ايچ ڊي ڪئي. تصوف سان لڳاءُ ننڍپڻ کان ئي هو،

صوفي خيالن بابت سائين جي ايم سيد لکي ٿو ته :

” سندس ڏاڏو ۽ والد صوفي خيالن جا هئا، ڇوڻ ۾ اچي ٿو ته اصل ۾ شاهه عنايت صوفي جهوڪ جي درگاهه جا معتقد هئا. ڊاڪٽر صاحب کي ان ڪري ننڍي هوندي کان صوفيانه تعليم ۽ تربيت مليل هئي، مثنوي مولانا روم، ٻين شاعرن جي ڪلام ۽ شاهه عبداللطيف جي شعر ۾ خاص درڪ هوندو هوس.“

ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي سنڌي ادب جي تاريخ جو اهو سونهري باب آهي، جنهن شاهه لطيف جي ڪلام مان ڌاري ڪلام هجڻ جي تصديق ڪئي ۽ پهريون ڀيرو شاهه لطيف جي ڪلام کي معجزي ۽ ڪرامتن جي ڪڙين کان آزاد ڪري، شاعريءَ جي فني خوبين کي نروار ڪيو شاهه جي ڪلام جي صحيح پڙهڻي بابت عالمن ۾ نئين بحث کي جنم ڏنو. جنهن تي ڪيس تمام گهڻي تنقيد پڻ ٿي. پاڻ هميشه پنهنجي تحقيقي ڪاوش سان سلهاڙيل رهيا ۽ تنقيد جو ڪڏهن به ڪو جواب نه ڏنائون. ڪيس اهو افسوس ضرور هو ته شاهه لطيف تي اڄ ڏينهن تائين فني حوالي سان تحقيق ٿي نه سگهي آهي!. ڊاڪٽر گربخشاڻي ’شاهه جو رسالو‘ جلد پهرين جي ’ منڍ ‘ ۾ لکي ٿو:

” جيڪڏهن شاهه عبداللطيف جهڙو عاليشان شاعر يورپ ۾ پيدا ٿئي ها، ته سندس ڪلام جي صحيح نسخي تيار ڪرڻ ۾ ڪيترائي عالم پنهنجون حياتيون صرف ڪن ها، ۽ هزارين ڇاپا معنائن ۽ شرحن سميت نڪري وڃن ها. پر سنڌ ۾ اهڙي اعليٰ شاعر جي اڃا تائين، پوري قدر شناسي نه ڪئي ويئي آهي.“

ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي سنڌ جو اهو باڪمال محقق ۽ نقاد هو، جنهن سنڌي ادب ۾ سائنسي بنيادن تي تنقيد جو آغاز ڪيو، جنهن کي سنڌي ادب ۾ جديد تنقيد جو ابو چئجي ته ڪو وڌاءُ نه ٿيندو. ڊاڪٽر بدر اڄڻ پنهنجي ڪتاب ’سنڌي ادب ۾ تنقيدنگاري‘ ۾ لکي ٿو ته :

”ڊاڪٽر گربخشاڻي کي جيڪڏهن جديد تنقيد جي پايي وجهندڙن مان چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو. هن لاڪيٽي لطيف جي سوانح، فن ۽ فڪر تي جيڪو تنقيدي ڪم ڪيو، ان کي ڪڏهن به نظر انداز ڪري نٿو سگهجي.“

ڊاڪٽر صاحب ’ شاهه جو رسالو‘ جديد فڪري اصولن مطابق تيار ڪري شاهه لطيف جي ڪلام جو نچوڙ پيش ڪيو، جيڪو چار جلدن ۾ هو، پر افسوس ٿي جلد ته سندس حيات ۾ ئي شايع ٿيا پر آخري جلد شايع نه ٿي سگهيو. رسالي جو پهريون جلد15 ڊسمبر 1923ع، ٻيو جلد 19 ڊسمبر 1924ع ۽ ٽيون جلد جيڪو ڇهه سالن کان پوءِ 27 ڊسمبر 1931ع ۾ شايع ٿيو. ڊاڪٽر صاحب جي ٽنهين جلدن مان واضح آهي ته ڪيتري نه محنت، مشقت، محبت ۽ سچائي سان شاهه

جي رسالي کي قوم تائين پهچائڻ لاءِ ڪوشان رهيو تہ جيئن سنڌي قوم پنهنجي عظيم لافاني شاعر۽ رهبر جي پيغام کي سمجهي سگهي ۽ فائدو حاصل ڪري سگهي.

ڊاڪٽر گربخشاڻي شاهہ جي رسالي جي ترتيب ڪجهہ هن ريت ڪئي آهي:

پراڻن نسخن جي ڪلام کي پيٽي نئين سر پڙهڻيون مقرر ڪيون اٿس. شاهہ جي ڪلام جو مڪمل مقدمو پيش ڪيو اٿس جيڪو ڏهن فصلن تي مشتمل آهي، جنهن کي مختلف عنوانن ۾ ورهايو اٿس، جنهن جو مختصر تفسير هيٺ ڏجي ٿو:

فصل پهريون 'شاهہ صاحب جي سوانح عمري' تي مشتمل آهي. جنهن ۾ شاهہ صاحب جي پيدائش جي تاريخ ڪان وٺي، شاهہ صاحب ڏانهن جيڪي مشهور روايتون منسوب آهن، انهن تي پڻ بحث ڪيو اٿس.

فصل ٻيو ' شاهہ جي صورت ۽ سيرت' تي مشتمل آهي. جنهن ۾ شاهہ صاحب جي پوشاڪ، خوراڪ ۽ آرام، رحمدلي، رياضت، نئڙت، پاڪدامني ۽ راڳ جي شوق جو ذڪر پڻ ڪيو ويو آهي. ساڳئي فصل ۾ شاهہ صاحب جي تصوير تي بحث ڪيو اٿس، جنهن لاءِ ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ:

” شاهہ عبداللطيف جي سچي تصوير ڪٿان ملي نٿي سگهي، ڪن ڪن رسالن ۾ هڪڙي تصوير ڏسڻ ۾ ايندي آهي، جا دعويٰ ڪئي ويندي آهي تہ شاهہ جي آهي، مگر ائين هرگز نہ آهي، اها هڪ وهمي تصوير ٿي ڏسجي، جنهن جي شاهہ جي شڪل شبيہ سان ڪابہ مشابهت ڪانهي.“

فصل ٽيون 'شاهہ جو مذهب ' آهي، جنهن ۾ شاهہ صاحب جي فرقي بابت وضاحت ڪئي وئي آهي تہ ڇا شاهہ صاحب سني هو يا شيعو؟ ان بابت روايت پڻ ڏني وئي آهي. شاهہ صاحب جو خليفن سان ڪهڙو برتاءُ هوندو هو، شعريت جي پيروي، حج جو ارادو، ديني آزادي ۽ عشق الاهي جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

فصل چوٿون 'ويدانيت ۽ تصوف' آهي. جنهن ۾ ويدانيت ۽ تصوف تي بحث ڪيو ويو آهي.

فصل پنجون ' شاهہ جو شعر ۽ شاعري ' آهي. جنهن ۾ شعر جي زندگي، شاهہ ۽ ٻيا شاعر، شاهہ جي بزرگي، جمال ۽ حد جو مشاهدو ۽ حقيقت جي پروڙ، شاعري پيغمبريءَ جو جزو، شاعر جي صنعتي خوبيون، فصاحت، بلاغت، سلاست، جدت ۽ جوش تي بحث ڪيو ويو آهي.

فصل ڇهون 'شاهہ جي شعر جو مضمون ۽ عبارت' آهي.

فصل ستون 'شاهہ جو نظم' آهي، جنهن ۾ شاهہ جي شعر ۽ نظم جي بناوت، هندستاني دوهو، دوهي جي بناوت، سنڌي دوهو، شاهہ جو طريقو، تجنيس حرفي جو استعمال ۽ هندستاني راڳ ۽ راڳڻين جو ذڪر آهي.

فصل اٺون ’شاهه جي سنڌي‘ آهي، جنهن ۾ شاهه جي سنڌي ۽ هاڻوڪي سنڌي تي بحث، سنڌي جو عربي ۽ فارسي سان بنيادي واسطو نه هجڻ، صورتخطيءَ جي خامي، علم لغات جي اڻ واقفيت تي پڻ بحث ڪيو ويو آهي.

فصل نائون ’شاهه جون نحوي بناوتون‘ آهي. جنهن ۾ شاهه جي سنڌيءَ جي نحوي بناوتن جي پراڪرت سان مشابهت، حالتي پڇاڙيون، ضميرن جي حالت اضافت، ضميري نشانيون وغيره مطلب ته لساني حوالي سان هن فصل ۾ بحث ڪيو ويو آهي.

فصل ڏهون’ رسالي جي تصنيف ۽ تاليف‘ آهي. جنهن ۾ رسالي کي ڪراڙ ڍنڍ ۾ ٻوڙڻ، وري لکڻ، ٻين شاعرن بابت ساڳيون روايتون وغيره بحث هيٺ آيل آهن.

شاهه صاحب جي سوانح عمري کان وينديشاهه صاحب جي ڪلام جي هر هڪ پهلوءَ تي ڊاڪٽر صاحب روشني وڌي آهي، سندس ڪاوش بابت سائين جي ايم سيد لکي ٿو ته:

” شاهه صاحب تي گهڻن صاحبن لکيو آهي، پر انهن مان ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو ڪو به مقابلو نٿو ڪري سگهي. هن جي شرح کي پروفيسر نڪلسن جي مثنوي جي شرح، مسٽر برائون جي ايراني شعر جي تاريخ، ۽ حڪيم ثنائي جي حديۃ الحقيقت جي شرح (ميجر اسٽيفنسن) سان مشابهت ڏيئي سگهجي ٿي.“

ڊاڪٽر گربخشاڻي، شاهه لطيف جي رسالي کان سواءِ ٻيا به ڪتاب لکيا آهن، جنهن کي سنڌي ادب ۾ قدر جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. جنهن مان ناول ’نورجهان‘ 1915ع، ’ لنواري جا لال‘ 1934ع، شاهه جي رسالي ۾ آيل احوال ۽ مقدمو جيڪو ’روح رهاڻ‘ 1933ع ۽ ’مقدمہ لطيفي‘ جي عنوان سان 1936ع ۾ الڳ شايع ٿيا.

هي سنڌ جو عظيم محقق، نقاد ۽ لطيف شناس 11 فيبروري 1947ع تي ڪراچيءَ ۾ ديهانت ڪري ويو.

***



# گمنام ڪهاڻيڪار ’ماڻڪ منير‘

جنهن سماج ۾ مفلسي ۽ غربت جي ڏائڻ پنهنجو اصل روپ ڌاري انسان جو ماس ڪوري ڪاٽي، پنهنجي وحشي ڏندن سان ڳيا ڳيا ڪندي نظر ايندي هجي، اتي پلا هڪ حساس دل اديب، سماج سڌارڪ حالتن جي گهمري ۾، تخيل جي آسمان ڪي چيري اصل حقيقت جا راز ڪيئن پڌرا ڪري ٿو، اهو ڪير ماڻڪ منير کان سکي!

منير احمد المعروف ماڻڪ 5 مارچ 1943ع ۾ نوشهرو فيروز ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو محمد ادريس ميمڻ هو. ماڻڪ ابتدائي تعليم نواب شاهه مان حاصل ڪئي ۽ وڌيڪ تعليم ايم اي سوشالاجي، بي ايڊ ۽ ايل ايل بي جو امتحان پاس ڪري، پهرين ماستري ۽ پوءِ روسي سفارتخاني ۾ ڪجھ عرصو نوڪري ڪري، نواب شاهه ۾ وڪالت سان گڏوگڏ ميڊيڪل اسٽور هلائڻ لڳو.

ماڻڪ لکڻ جي شروعات ننڍپڻ کان ڪئي. پاڻ سنڌي ادبي سنگت نواب شاهه جو سرگرم ڪارڪن هو.

ماڻڪ منير سنڌي ادب جي انهن منفرد ڪهاڻيڪارن مان آهي، جنهن سنڌي ڪهاڻيءَ کي نئين زندگي ڏني ۽ سنڌي جديد ڪهاڻي ۾ نون موضوعن کي پڻ متعارف ڪرايو. سندس ڪهاڻيون فني ٽيڪنيڪ جي حوالي سان لاجواب مثال آهن. ماڻڪ پنهنجن ڪهاڻين ۾ سماجي حالتن جي چٽي تصوير پيش ڪري ٿو. ڪهاڻين جا اڪثر پلاٽ سنڌ جي مظلوم عورتن جا مقدما آهن. جنهن کي هو پنهنجي منفرد انداز سان مختلف ڪردارن وسيلي پلاٽ ۾سمائي عورتن جي حقن جي تحريڪ جي نمائيندي ڪندي نظر اچي ٿو. سندس ڪهاڻيون عورت جي نفسياتي مونجهارن، داخلي ڪيفيتن، ذهني اذيتن ۽ حق تلفين جو ڪليل پڌرنامو آهن. ماڻڪ سنڌي ادب جي انهن ٿورن ڪهاڻيڪارن مان آهي، جنهن عورت جي حقن تي بي باڪ ٿي لکيو آهي. ان ڪري ڪيس ادبي هلڪي ۾ گهڻي تنقيد جو ٿيندي رهي، مختلف وقتن تي گارين جا خط ۽ فحاش ليکڪ جا الزام پڻ لڳندا رهيا. ماڻڪ بابت ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته:

”ماڻڪ سنڌي ڪهاڻي ۾ منفرد طرز جو ليکڪ آهي، سندس تحريرن جو وڏو حصو ان پيڙا جو پڙلاءُ آهي، جنهن ۾ خود ڪيس پيڙهيو. هن سماج ۾ جيڪو ڏٺو، ان خلاف لکيائين. سمجھ جي مار وارن ڪيس ئي ڪٽي چوڪنيو ڀڏو، ڇئي بد اخلاقي ٿو پکيڙي، جنسياتي مرض ۾ ورتل

آهي.“

ماڪ وٽ انساني جذبن جو قدر آهي، هو بنا ڪنهن رک رکاءُ جي عورت جي آنڌ مانڌ ۽ ڦوهه جواني واري اضطرابي ڪيفيت جو بيان شاندار نموني سان ڪري ٿو، جنهن ۾ هن کي پنهنجي جيون ساٿي جي سخت ضرورت هجي ٿي، ان ساٿي جي نه هجڻ ڪري عورت جي اندر جي دنيا ڇا هوندي؟ تنهن بابت لطيف سائين چيو هو: (اُپرن سيڪارا پسيو ور ہين جا!) ساڳئي ڪيفيت هڪ ڪهاڻي ’ حويلي جا راز ‘ ۾ ماڪ هن ريت بيان ڪري ٿو:

” ان وقت بيبيءَ جا گرم گرم ۽ ٻاڙها چپ، تازي وڏيل گوشت جي ٽڪري وانگر ڦڙڪي رهيا هئا، ساهه تمام تيزيءَ سان ناسن مان اچي وڃي رهيو هوس. ان ڪري ريشمي چولي مان سيني جو اڀارُ لهوار پڌرو پسجي رهيو هو. سموري بدن جو رت ڄڻ ڳٽن ۾ اچي گڏ ٿيو هوس، سندس ڳٽا ٻاڙها ڳٽورڙا ٿي ويا هئا. اکين جون ڏاريون اڀري آيون هيس ۽ انهن ۾ مقناطيسي چڪ هئي سندس سڄو بندن باهه وانگر پئي ٻريو.“

ساڳئي ڪهاڻي ۾ سماج جي وهمن وسوسن ۽ انساني جذبات سان راند ڪندڙ پيرن، ڍونگي فقيرن وارين روايتن کي نندينديءَ سنڌ جي عورت جي وڪالت هن ريت ڪري ٿو:

” قرآن شريف سان شاديءَ ڪرائڻ کان پوءِ بيبي جنان کي دورا پوڻ لڳا هئا، حويليءَ ۾ سڀ چوندا هئا ته قرآن شريف سان شادي ڪرڻ ڪري، بيبيءَ کي سيد خاندان جو ڪو نيڪ روح اچي واسو ٿو ڪري، پر مسيت جو مولوي صاحب چوندو هو ته روح ڪڏهن به هن گهنگار ۾ اچي نه ٿو سگهي. باقي بيبي کي جن ٿو اچي.“

ماڪ حقيقت پسند ڪهاڻيڪار هو، سندس ڪهاڻين جا موضوع پڻ سماج جي ڪري ۽ چٽي تصوير آهن. هن وٽ حقيقت ۽ دوکي ۾ واضح فرق آهي. جئين ڪهاڻي ’حقيقت ۽ دوکو ‘۾ معاشري جي انهن مدي خارج ذهنن جي عڪاسي ڪري ٿو، جيڪي سام ۾ خيانت ڪن ٿا ۽ پنهنجي گناهه کي لڪائڻ خاطر مختلف دليل ڏيئي پاڻ کي بي گناهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيئن هن ڪهاڻي ۾ ڊاڪٽر، رائيس جي نياڻي سان بدسلوڪي ڪري پوءِ پنهنجي بچاءُ لاءِ مختلف ذهني ڪشمڪش ۽ نفسياتي بيمارين جا حوالا ڏيئي، پاڻ کي بي گناهه ثابت ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندي نظر اچي ٿو.

ماڪ ڀهريون سنڌي ڪهاڻيڪار آهي، جنهن مڪمل وجودي فڪر ۾ ڪهاڻيون لکيون آهن. هو انسان جي وجود ۾ ليئو پائي انساني پيڙاءُ، ڏک، تڪليف، انسان جي هيٺاپ ۽ بيوسي تي قلم کڻي ٿو. ماڪ جي ڪهاڻي جا موضوع بيروزگاري، غربت، عورت سان ٿيندڙ ناانصافي، انسان جي داخلي ڪيفيت، بيوسي، تڙپ ، نفسياتي احساس ۽ ملڪي سياست پڻ آهن. ڊاڪٽر

عبدالغفور ميمڻ پنهنجي ڪتاب ’سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر‘ ۾ لکي ٿو ته:

”ماڻڪ جي اها خوبي بي مثال خوبي آهي ته هو ماڻهن جي نفسيات کي ايتري ويجهڙائي کان ڇاڻي ٿو ڇڻ ته انهيءَ ڪردار جو ڏک پاڻ پيو ڀوڳيو اٿس.“

ماڻڪ جي تحريرن جي انمول خوبي انداز بيان آهي، هن وٽ لفظن جا پندار ۾ ڪمال جو ربط آهي، جيڪو پڙهندڙ کي آخر تائين جوڙي رکي ٿو. ادب جي دنيا ۾ گهٽ ڪهاڻيڪار آهن جيڪي ٻوليءَ ذريعي ڪردارن جي اهميت کي اجاگر ڪرائي سگهن، اهو ته ماڻڪ جهڙي ڪهاڻيڪار جو ئي ڪمال آهي. مثال طور هڪ ڊاڪٽر جي ذهني ڪشمش ۽ سياسي ڪارڪن جي ٻولي ۾ فرق ڏسو ڪهاڻي ’ حقيقت ۽ دوکو‘ ۾ هڪ ڊاڪٽر جي ڪردار جي ذهني سطح ۽ ٻوليءَ جو ناياب استعمال:

”مون رڳو سندس حسن جي سارهه ڪئي هئي، پر اهو منهنجي انٽينشنس (Intentions) تي اثرانداز نه ٿيو هو. مون سندس ضرورت کي آڏو رکي اڳتي سوچي ڇڏيو هو. ڪنٽراسيپٽور (Contraceptive) جو استعمال... ها مون ڪيترا پيرا پاڻ کان سوال پڇيو هو. لاجيڪلي آءِ ڪنوينسڊ ماءِ سيلف، logically, I convinced ڪرڻ گهرجي. اهو گناهه تي نٿو سگهي نه ويساهه گهاتي نه ئي بد اخلاقي.“

ماڻڪ، ’ساهه مٺ ۾‘ ناول ۾ هڪ هنڌ سياسي ڪارڪن جي زندگي جي عڪاسي ڪجهه هن ريت ڪري ٿو:

”ٻي ڳالهه ٻڌئي: تنهنجي اچڻ کان ڪلاڪ ڪن اڳ پاڙي ۾ پوليس وارا آيا ها. سامهون گهر ۾ جيڪو ڪاليجي ڇوڪرو رهندو آهي، تنهن کي پڪڙڻ.

پوءِ؟

ڀڄي ڀڄي ٿي

ڇوڪرو گهر ۾ ڪونه هو، يا لڪي ويو هوندو خدا کي خبر.

پوليس وارا پٽس کي وٺي ويا.

پوءِ؟

اڻ-ٽڻ اڪيون ڦاٽل.

بس ويچاري مڙهي کي گهلي ويا، ڇيائون پئي ته ڇوڪرو سياست ڪندو هو، سرڪار خلاف. ان ڪري، مون کي قياس پئي آيو ويچاري پوڙهي تي. اڄا وار ڏاڙهيءَ مان وٺي پئي گهليائونس، صوبيدار ڪڇيون ڪڇيون گاريون پئي ڪڍيون، ڇيائين ته ڇوڪرو پيش نه ڪيو ته سڀ رنون تاڻي تي گهلي ويندا سينئو.“

ماڻڪ جون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون گهڻي عرصي تائين ادبي حلقي ۾ مشهور رهيون، جنهن تي تنقيد پڻ ٿيندي رهي، جيڪي ڪهاڻيون اڄ به اسان جي معاشري جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿيون ۽ اڄ به نوجوان وڏي چاهه سان پڙهن ٿا.

ماڻڪ منير جا ڪجهه مجموعا شايع ٿي چڪا آهن، جيڪي پڻ سنڌي ڪهاڻي ۽ ناول جي حيثيت ۾ وڏو مقام رکن ٿا. تنهن مان 'حويليءَ جا راز' 1977ع ڪهاڻيون، 'رڃ ۽ پڙاڏا' ناوليٽ 1979 ع، 'لڙهندڙ نسل' ناولٽ 1972ع، 'پاتال ۾ بغاوت' 1977ع، 'ڇهه انام' ڪهاڻيون 1981ع، ۽ ڪجهه اسٽيج ڊراما جنهن مان 'ڪَلاچي جي ڪُن ۾' ۽ ڪجهه مضمون آهن، جيڪي ادب جي دنيا ۾ اهميت جوڳو آهن.

ماڻڪ جي تحريرن جي خاص خوبي بهترين منظرنگاري آهي، هو پنهنجي ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ منظرنگاري جا خوبصورت چٽ ڪنهن مصور جي آرٽ جهڙيان اڪري ٿو، جهڙين ناول 'رڃ ۽ پڙاڏا ۾' هڪ ڳوٺ جي سادي گهراڻي جو ڏيک ملاحظ فرمايو:

"ڳوٺ جو گهر: ڪچو اڱڻ- ورانڊو به ڪوٺيون، پيڻگهو ڪوٺي ۾ ڪٽ تي هنڌ جو دير. هلڪي اونده- ليپي ڏنل مٽي جو سڳنڌ، عاشيءَ سان راند، اک ٻوٽ گڏين. چيڪلي اڳ بچائڻ- لڪ- لڪوٽي."

ماڻڪ جي ڪهاڻين جا گهڻا ڪردار سندس زندگيءَ سان مشابهت رکن ٿا. جيئن ناول ' لڙهندڙ نسل' ۾ هڪ بيروزگار نوجوان جو ذڪر ڪري ٿو، جيڪو بيروزگاري جي ڪري بيحد مايوس ۽ پريشان آهي. ماڻڪ خد گهڻو عرصو بيروزگار ۽ معاشي حالتن ڪري پريشان رهيو. جنهن جو اظهار پاڻ پنهنجي هڪ دوست نثار حسيني کي خط ۾ لکندي ڪيو، جيڪو خط حويليءَ جا راز ڪتاب ۾ پوءِ شايع به ٿيو:

"پيارا دوست نثار!

اميد ته خوش هوندين، ههڙي قسم جا خط اڳ به مان لکي چڪو آهيان، وري هڪ ڀيرو يقين ڪرڻ چاهيان ٿو، ڳالهه دراصل هي آهي ته : هتي مون کان نڪو وڪالت ٿي هلي ۽ نڪو ميڊيڪل اسٽور تربيت ئي اهڙي ٿيل آهي جو ٻنهي ڌنڌن ۾ نڀجي، جيڪا مون کي نه ٿي اچي، مان اهو ڄاڻڻ ٿو چاهيان ته ڇا اتي سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۾ ڪا جاءِ خالي آهي، اوهان جي چيئرمين شاهه صاحب جو هڪ سٺو دوست هتي آهي، ان چيو آهي ته: جيڪڏهن شاهه صاحب وٽ ڪا جاءِ آهي، يا ڪڍي ڪري ڏئي سگهي ٿو ته مان اهو ڪم ڪرائڻ جي همت رکان ٿو . مون وٽ ايم اي سوشالاجي ۽ ايم ايڊ جون ڊگريون آهن. هن ڏس ۾ پوري تفصيل سان پر سست جواب ڏيندا. اڄ ڪلهه اوهان ڇا پيا ڪيو، ڪتابي سلسلي ۾ ڪو نئون ڪتاب آيو آهي؟ گهٽ ۾ گهٽ يار هڪ ڪاپي ته موڪليندا.

هتي ٽڪ سبب في الحال لکڻ ڇڏي ڏنو اٿم، پر ڪالهه کان ڪجهه نه ڪجهه لکڻ جو ارادو

ڪيو اٿم. ليڪڪ ۽ سماج Establishment جي حوالي سان پڪو ارادو نه ڪيو اٿم ته رات ضرور هڪ ٻه پئراگراف ئي لکندس، پر هر حالت ۾، جيڪڏهن اوهانجو ڪو ڪتاب ڇپيو هجي ته موڪليندا، جواب جو انتظار رهندو.

اوهان جو پنهنجو

منير

(ماڻڪ جواهو خط جيڪو هن پنهنجي مرتئي ڪان ڏهه ٻارهن ڏينهن اڳ نثار حسيني کي لکيو هو.)“

هي سنڌ جو بي باڪ ڪهاڻيڪار 26 جنوري 1982ع تي نواب شاهه ۾ آپگهات ڪري جسماني طرح پنهنجو انت آندو. سندس موت بابت ناول ’ساهه مٺ ۾‘ تبصرو ڪندي نصير مرزا لکي ٿو ته:

” 26 جنوري اڳاري جي ڏينهن ٻپ وڳي منجهند ڌاري بر ک ڪهاڻيڪار ماڻڪ جي اوچتي دکدائڪ وفات واري خبر 27 جنوري تي شام سوائين ڇهين وڳي تصديق ۾ تبديل ٿي چڪي هئي. ڪوڙ سارن دوستن جو پنڌپهڻ دائرو. ۽ وچ ۾ سائين نثار حسيني تصديق لاءِ الاهي ڪهڙي اخبار کي فون ڪيو. سائين فون تي ڳالهائڻ جي ابتدا ڪئي ته دل ڌڙڪڻ لڳي، ته اها خبر..... شايد........ نه نه ! پر اوچتو ڳالهائيندي، سائين اکين ئي اکين ۾ چئي ڏنو، ماڻڪ ختم ٿي ويو. جهلڪ پلڪ لاءِ سڀ فريز ٿي وياسين!.“

***



# بيباڪ ڪھاڻيڪار ’علي بابا‘

سنڌي ادب ۾ هون تہ ڪھاڻيڪارن جي فهرست تمام ڊگهي آهي، پر ان ڊگهي فهرست مان اهي ڪهاڻيڪار هر محفل ۽ ڪچهريءَ جو موضوع ضرور هوندا آهن. جيڪي ايندڙ وقت ۾ پڙهندڙن کي نوان موضوع نون مسئلن ڏانهن سوچڻ تي مجبور ڪن ٿا. اهي ڪهاڻيڪار نہ رڳو پوڙهن پڪن جي دلين ۾ هميشہ زنده رهن ٿا، پر نوجوانن جي دلين تي پڻ راج ڪندا آهن. انهن عظيم ڪهاڻيڪارن مان، سنڌ جي جيڪي مٽيءَ مان جنم وٺندڙ سنڌ جو محبوب ڪهاڻيڪار علي بابا آهي.

علي احمد المعروف علي بابا سن 1945ع ۾ ڪوٽڙيءَ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو محمد رمضان رند هو. علي بابا ابتدائي تعليم نانگو لائين ميونسپل پرائمري اسڪول ڪوٽڙيءَ مان حاصل ڪئي، پاڻ وڌيڪ تعليم حاصل نہ ڪري سگهيو. خادم حسين چانڊيو پنهنجي ڪتاب ’مارو جي ملير جا‘ ۾ هڪ واقعي جي بيان ڪندي لکي ٿو تہ:

” پاڻ جڏهن مئٽرڪ جو امتحان ڏيئي رهيو هو تہ امتحان هال ۾ هڪ ڇوڪري کي پوندو ڏيڻ تي هڪ استاد قاضي يار محمد ڪيس امتحان هال مان ڪڍي ڇڏيو، علي بابا  ان کان پوءِ وري اسڪول جو منهن نہ ڏٺو. “

علي بابا سنڌ جو بلند پايہ ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ ڊرامانويس هو. هن پنهنجن لکڻين ۾ سنڌ جي تاريخ، معاشيات ۽ ثقافت تي ڀرپور روشني وڌي آهي. سنڌ جي معاشي حالت، وڏيرڪي، ڀوتارڪي ڏاڍ ڏهڪاءُ واري سياست کي ننديو اٿس. سندس ڪهاڻين جا موضوع غربت، بک، بيروزگاري، بيوسي، ڀوتارڪي نظام ۾ هيٺن تي ٿيندڙ ظلم ۽ سنڌ جي تاريخي پسمنظرن مان سنڌ جي  تاريخي ڪردارن جي پڻ ڀرپور عڪاسي ڪئي اٿس. جئين ڪهاڻي ’ڪارونجهر جا قيدي‘ ۾ روپلي جي بهادري کي خراج پيش ڪندي انگريز عملدار سان ڳالهہ ٻولهہ کي بيحد ئي شاندار نموني سان پيش ڪري ٿو، ملاحظ فرمايو:

” تنهنجو نالو؟ اهو ڪيپٽن ٽروٽ جو پهريون سوال هو. “

” روپا “

” ٿون ڪنهن جي زور تي وڙهي رهيو هئين؟ “
” هر ماڻهو پنهنجي طاقتور ٻانهن جي زور تي وڙهندو آهي. “
” مونجو مطلب آ، تنهنجو پشت پناهه ۾ اڳوان ڪير آ؟ “
”ڪارونجهر جبل“
” ٿون ڇا لاءِ وڙهي رهيو هئين؟ “
” آئون پنهنجي پهاڙن، پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ وڙهي رهيو آهيان.“
” ٿوکي خبر آ، ان جي سزا ڇاهي؟ ڪيپٽن ڪڙڪ ٿيندي چيو.“
”ها- وڏ ۾ وڏ موت.“

علي بابا جي ڪهاڻين ۾ جتي پنهنجي وطن جي وارثي ۽ وطن جي حفاظت جو جذبو سمايل آهي ته اتي وري انساني اڌمن، خيالن ۽ اضطرابي ڪيفيتن جي طوفان جو اظهار پڻ. سندس ڪهاڻين ۾ ڪا بہ رک رکاءُ نہ آهي، هو جئين معاشري کي ڏسي ٿو، تئين ئي پنهنجن ڪهاڻين ۾ معاشري جي ڀرپور عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿو. جئين ’ علي بابا جي ڪهاڻي‘ مان ملاحظ فرمايو:

” گرپ واري عورت جي پاسي ۾ اچڻ سان نوجوا ن جي حالت ئي غير ٿي وئي هئي، هڪ تہ پوري حياتي ۾ ڪا عورت سندس ايڏو ويجهو نہ آئي هئي. ٻيو تہ هي عورت ڪيڏي نہ حسين هئي ڪن لاءِ نوجوان گهرن گهرن نيٽن جي تصوير ۾ لڙهي ويو. اکيون ايڏيون اونهيون اونهيون جو نهار تہ گرپ ۾ ستل ٻار بہ نظر اچي وڃي ۽ بدن مان نکريس اڻ لکي بوءَ. اهڙي بوءَ جهڙي ڪنهن گل، ڪنهن ڦل جي خوشبوءَ ۾ ڪانهي. جا رڳو ڪنهن گرپ وتي عورت جي ديهه مان اڏما ڪائي نکري سگهي ٿي.“

علي بابا سنڌي ٻولي جي انهن ٿورن عظيم ڪهاڻيڪارن مان آهي، جنهن جو نثر پڻ ڪنهن گيت جي سٽن وانگي گنگنائي سگهجي ٿو. سندس نثر ۾ ڪمال جو تسلسل ۽ ربط آهي، گهڻو تڻو نثر شاعراڻي مزاج جي بهترين جهڪ ڏي ٿو، هڪ مثال ’ جيون ڪوئي جهوٽو آهي‘ ڪهاڻي مان ملاحظ فرمايو:

” چنڊ ٻري ٿو، نيڻ ٺرن ٿا، چنڊ ٺري ٿو، نيڻ ٻرن ٿا، ٻرڻ ٺرڻ جي رات ڇمر جهمر، آگ بدن مر ۽ پنين وارن جا تيج هٽي ٿو چنڊ.
اونهه لويي، پلا گل چوندي ڇا ڪندين؟
سپنن جا محل سجائيندس ( ڪو دل جي ڳالهه ڪري ٿو)
پلا سپنا ڇا ٿيندا آهن؟
ماضيءَ جون يادون

پلا ماضيءَ مان ڇا ملندو ؟

ساهن جي سرهاڻ....

پلا يادن کان پوءِ ڇا هي؟

اونداهي اماس اونداهي اماس!

۽ پوءِ کو نيڻن ۾ نيڻ کپائي هئين چوي ٿو، او ست سنگيٽي، سپنن جي راٽيءَ هي جيون ڪوئي جهوٽو آهي. جيون ڪوئي جهوٽو آهي.“

علي بابا جي ڪهاڻين جا ڪردار عام ماڻهو آهن، اهي ماڻهو جن وٽ ڪو چهرو، ڪا مَنهَن ڪا نه آهي، پر حوصلو، بهادري، جرئت ۽ همت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. سندس ڪهاڻيون سنڌ جي ماڻهن جي معاشي حالت جون عڪاس آهن. ڪهاڻين جي موضوعن بابت ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ پنهنجي ڪتاب ’سنڌي ادب جو فڪري پس منظر ‘ ۾ لکي ٿو ته :

” علي بابا جي ڪهاڻين جا ٽي پاسا آهن. جيڪي ٽن موضوعن ۾ ورهايل آهن. هڪڙا اهي ڪردار آهن، جيڪي پنهنجا ديس واسي آهن، جن جي پيرن هيٺيان ڌرتي کسجي رهي آهي، جن سڄي تاريخ ديس لاءِ پنهنجي قوم لاءِ قربانيون ڏنيون آهن. جن جو فڪريءَ ٽڪراءُ انهن قوتن سان آهي، جيڪي ڦورو آهن، عقيدي جي نالي ۾ انسانيت جو خون ڪن ٿا. ڪهاڻين جو ٻيو پاسو معاشي آهي، جنهن ۾ اهي ڪردار آهن، جن وٽ ماني جو اڌ به پنهنجي وجود جي بچاءُ لاءَ ڪائنات جيڏي اهميت رکي ٿو. ڪهاڻين جو ٽيون پاسو جمالياتي آهي، جئين هند جي فڪر جو مرڪز سچ، سک ۽ سونهن رهيا آهن.“

علي بابا جي ڪهاڻين جي ٻولي انتهائي سولڙي ، دلڪش ۽ شاعراڻي آهي، سندس ٻوليءَ ۾ ڪمال جو ربط سمايل آهي، سندس ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ڪمال اهو به آهي ته اڪثر ڪهاڻيون بنا ڪنهن منطقي نتيجي ۽ ڪلائميڪس کان سواءِ ئي ختم ٿي وڃن ٿيون.

هن سنڌ جي بيباڪ ڪهاڻيڪار زندگيءَ جا انمول ورهيه سنڌي ادب لاءِ وقف ڪيا، پر افسوس زندگيءَ جا آخري ڏيهاڙا ڏکدائڪ داستان کان گهٽ نه هئا، هو غربت جي چڪيءَ ۾ پيسجندو رهيو، معاشي حالت کي بهتر ڪرڻ لاءِ ڪنهن به اديب توڙي سرڪاري نمائيندي مدد نه ڪئي.

علي بابا پنهنجي ڪتاب ’منهنجون ڪهاڻيون‘ جي مهاڳ ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو :

” ادب جي تاريخ تي نظر ڦهلائيندا سين ته مهايارت جي سرجڻهار ويد وياس کان وٺي هومر، ڪاليداس، شيڪسپيئر، کان ويندي شاهه لطيف تائين، گوئٽي کان وٺي ٽالسٽائي ۽ ٽئگور سڀ اميراڻا ٻار هئا، غالب به هڪ نواب جو ٻار هو، پوءِ مان غريب جو ٻار ان ڪم ۾ ڪيئن ٽپي پيس.“

علي بابا سوين ڪهاڻيون لکيون آهن، جيڪي رسالن، اخبارن ۽ ڪتابي صورت ۾ پڻ

شايع ٿي چڪيون آهن. پاڻ ڪهاڻين کان علاوه ٽي وي ۽ ريڊيو لاءِ ڊراما لکيا. سندس هڪ ڊرامي کي عالمي شهرت ملي. ميونخ جي عالمي ميلي ۾ پيش ٿيندڙ علي بابا جو بهترين ڊرامو ' دنگي منجهه درياهه' کي دنيا جو ٽيون نمبر بهترين ڊرامو قرار ڏنو ويو ۽ جنهن کي پڻ جرمني ايوارڊ سان نوازيو ويو . سندس ڪتاب ' ڌرتي ڌڪاڻا ' تي سگا طرفان ايوارڊ ۽ روڪ رقم هزار روپيا انعام طور مليو. تنهن کان علاوه سنڌالاجي طرفان 'بهترين ڪارڪردگي' ايوارڊ سان نوازيو ويو.

ڪهاڻين ۽ ڊرامن کان علاوه علي بابا جي وڏي ڪاوش موهن جو دڙو ناول آهي، جنهن کي سنڌ جي باشعور ماڻهن بيحد پسند ڪيو.

هي سنڌ جو محبوب ڪهاڻيڪار 8 آگسٽ 2016ع تي هميشه لاءِ سنڌ کان وڇڙي ويو.

***

# حوالا:


1. چانڊيو، خادم حسين، ڪتاب، ’مارو جي ملير جا‘.
2. شيام، نارايڻ، ڪتاب، ’ڏات ۽ حيات‘.
3. سنڌي، يوسف، ڪتاب، ’سنڌي ادب‘.
4. اياز، شيخ، ڪتاب، ’ڪراچي جا ڏينهن ۽ راتيون‘.
5. شيام، نارائڻ، ڪتاب، ’روشن ڇانورو‘.
6. بخاري، استاد، ڪتاب، ’ڪاري ڪڪر هيٺ‘.
7. بخاري، استاد، ڪتاب، ’نہ ڪم نبريو نہ غم نبريو‘.
8. ميمڻ، ڊاڪٽر، عبدالغفور، ڪتاب، ’سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر‘.
9. عباسي، تنوير، ڪتاب، ’رڳون ٿيون رباب‘.
10. عباسي، تنوير، ڪتاب، ’ تنوير چئي‘.
11. منشي، ابراهيم، ڪتاب، ’گوندر ويندا گذري‘.
12. منشي، ابراهيم، ڪتاب، ’ڌرتي دين ڌرم‘.
13. گل، اياز، ڪتاب، ’تو بن کهڙا ڇانورا‘.
14. سومرو، ادل، ڪتاب، ’اسين مسافر پيار جا‘.
15. گل، اياز، ڪتاب، ’سوچون سرها گل‘.
16. گربخشاڻي، هوتچند، ’شاهه جو رسالو‘.
17. سيد، جي. ايم، ڪتاب، ’جنم گذاريم جن سين‘.
18. منير، ماڻڪ، ڪتاب، ’حويلي جا راز‘.
19. جوڻيجو، ڊاڪٽر، عبدالجبار، ڪتاب، ’سنڌي ادب جي تاريخ‘.
20. منير، ماڻڪ، ڪتاب، ’ناول، ساهه مٺ ۾‘.
21. منير، ماڻڪ، ڪتاب، ’ناول، ’رڃ ۾ پڙاڏا‘.
22. بابا، علي، ڪتاب، ’منهنجون ڪهاڻيون‘.



# ليکڪ جو تعارف:

انعام 01 ڊسمبر 1991ع ڪولاب جيئل ڳوٺ ڇام جتوئي، خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيو. پاڻ پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم جيڪب آباد مان حاصل ڪئي اٿس. گريجوئيشن ۽ ايم.اي (سنڌي) جو امتحان ڪراچي يونيورسٽي مان پاس ڪيو اٿس. پاڻ مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ مضمون لکندو رهي ٿو، انعام مطالعي جو شوق رکي ٿو، ڪيس ڪتابن سان تمام گهڻو پيار آهي، ان جو مثال هي علمي ڪاوش آهي، جيڪا اوهان جي هٿن ۾ آهي. انعام جا هي تحقيقي مضمون آهن، ڪيترا اهميت جوڳا آهن؟ اهو ته پڙهندڙ ئي ٻڌائي سگهي ٿو، مان ادب جي شاگرديءَ جي حيثيت سان اهو ضرور چونديس ته انعام جي هي علمي ڪاوش جيڪڏهن ڪنهن شاگرد يا اسڪالر لاءِ ٻه سڄائي ثابت ٿي ته انعام جي محنت رنگ لاتو.

(تبسم)

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڪي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڏيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book